حق موجود **ياعلي ؑ مدد** سدا موجود

رسالو فقير علي محمد سائين
جمالي قادري سروري ؒ

نوبت نينهن جي



Scanned by CamScanner

روضو مبارک

فقير هادي علي محمد جمالي

قادري سروري رحمۃ اللہ علیہ

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

كتاب جو نالو : نوبت نينهن جي

كافيون كلام : حضور هادي فقير علي محمد جمالي قادري سروري ﷺ

زير نگراني: جناب فقير ولي محمد جمالي قادري سروري
جناب فقير علي محمد دوئم
عرف علي گل جمالي قادري سروري

تعاون : جناب فقير شير علي مهيسر قادري سروري
جناب فقير اسرار علي مهيسر قادري سروري

چپائيندڙ : محترم جناب فقير منور علي مهيسر صاحب
جناب مقبول احمد سومرو

مرتب : علي رضا برڑو غمكساري غلام

چاپو : پهريون اپريل 2014ع

ڇاڻيتو : 1000 كاپيون

كمپوزنگ ۽ ٽائيٽل : حبيب الله شيخ حسيني،
شان پرنٽرس لاڑكاڻو. 03342782930

خاص ملڻ جو ماڳ
درگاهه شريف مئخانه
فقير علي محمد سائين جمالي قادري سروري
نزد جامع مسجد جمالي محلا
شاهي بازار لقمان شريف، خيرپور ميرس سنڌ

Scanned by CamScanner

ارپنا

حق باهو بيشڪ باهو

هي ڪتاب نوبت نينهن جي،

ارپيون ٿا، مسلڪ قادري سروري

جي روحاني پيشوا فقير

حضرت سلطان باهوؒ

قدس سره العزيز جن کي،

نهايت احترام ۽ عقيدت سان.

Scanned by CamScanner

فقير هادي علي محمد جمالي

قادري سروري رحمۃ اللہ علیہ

Scanned by CamScanner

سٽاءُ

- فقير سائين جي وڏڙن جي سنڌ ۾ آمد
- فقير سائين جن جي تعليم
- فقير سائين جن جو دست بعيت ٿيڻ
- فقير سائين جن جي رهڻي ڪهڻي
- فقير سائين جن جا طالب
- فقير سائين جن جو جنم ۽ وصال
- فقير سائين جو رشتيداري شجرو
- مير سائين عبدالقادر ۽ مخدوم محمد صديق
- فقير ولي محمد جمالي ۽ فقير علي گل جمالي
- روز الست
- تصوف
- صوفي
- درگاهون ۽ خانقاهون
- ڪافيون

Scanned by CamScanner

ياعلي ۴ مدد

حق موجود سدا موجود

بسم الله الرحمن الرحيم

صلواة قدسي

لا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ واللّٰه اَكْبَرُ سُبْحَانَ اللّٰهِ

وَبِحَمْدِهٖ وَاَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ ولَا حَوْلَ ولَا

قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ هُوَ الْاَوَّل والْآخِرُ

وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ بِيَدِهِ

الْخَيْرُ وَهُوَ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

پيش لفظ

هي منگتو ناچيز عاجز بيحد خوش آهي ۽ ڏٽيءَ در سر بسجود ۽ شڪر گذار آهي، جو حضور هادي فقير علي محمد سائين جمالي قادري سروري جن جو بياض سهيڙ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي.

هن جهان ۽ سنڌ ڌرتي تي الله لوڪ درويشن جي ائين آمد مبارڪ نظر اچي ٿي، جيئن رات جو آسمان ۾ ستارا نظر ايندا آهن ۽ جيڪو انسان الله وارن فقيرن سان گڏ گذاري ٿو اهو شخص يقيني خوش نصيبن مان رهندو. حضور هادي فقير علي محمد سائين هر انسان لاءِ پلائي چاهن پيا، پلائي جو درس ڏين پيا، حق جي طلب وارن کي دل زنده ڪرڻ جي وات سمجهائن پيا، پوءِ به عام انسانن کان پنهنجي فقيري منصب کي پوشيده رکن پيا ۽ اڪثر ماڻهو رڳو عالم دين يا علامہ يا حڪيم سمجهن پيا ۽ فقيري رنگ جي سمجهه سپ لاءِ نه هئي، جيئن هڪ ڪافي ۾ فرمايو اٿن:

ظاهر ڪنهن کي ڪين ٻڌايان
صرُ بقرُ روح ريجهايان
اندر پئي ٿي چلان چلان

عام انسانن کي ظاهر ڪري نہ پيا ٻڌائن ۽ ٻوڙن ۽ گونگن جيان جهان ۾ رهي پنهنجي روح کي پيا راضي رکن. باقي اندر ۾ سدائين عشق جي فيض ۾ ڇُلن پيا.

جيڪڏهن فقير سائين جن جي علم ڏانهن سوچيندا سين تہ اڄان بہ موجود سندن ڪتاب گواهي ڏئي رهيا آهن. انهن ۾ فارسي ۾ لکيل حڪمت جا ڪتاب بہ ملن ٿا. اهي بہ اهڙا جن تي گهٽ ۾ گهٽ ٽي دواخانہ هلي سگهن. ان مان پاڻ وڏا حڪيم ظاهر ٿين ٿا.

اگر ديني هٽ جا لکيل عربي، فارسي يا سنڌي ۾ ڪورس جا ڪتاب ڏسبا تہ تمام وڏا عالم دين نظر اچن ٿا ۽ ڪجهہ قلمي نسخہ قرآن شريف جا لکيل آهن. اگر ڪوئي روحي محنت نٿو ڪري، تہ ان لاءِ ورد، وظيفہ، تعويذن جو فيض لکيو اٿن ۽ ڏاڪن چِلَنِ ڪيڙ جون واٽون سمجهايون اٿن.

Scanned by CamScanner

اگر ڪوئي طالب المولي صاحب خيال فقير ٿيڻ گهري پيو تہ ان کي روحاني خيالي، تصوري، شهودي، هر ساهہ سان محنت سيکاري، نگاهہ ڪرم فرمائي، روشن دل بنائن پيا.

پاڻ مسلم يا غير مسلم سموري انسانيت جو راهہ هدايت جا هميشہ ڪڪر وسائيندا رهيا آهن. امن ۽ محبت جو پيغام فقير وٽان ئي ملندو آهي.

جيئن تہ فقير سائين جن صوفي بزرگ آهن ۽ مسلڪ تصوف قادري سروري سان منسوب آهن، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ سندن سوانح حيات سان گڏوگڏ، الستي اقرار، تصوف ۽ حضور انور سردار ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ظاهر دؤر کان ڪجهہ مشهور صوفي سڳورن جا اسم شريف، درگاهہ يا مٿاني تي مختصر حوالہ لکي درج ڪيو ويو آهي، جيئن پڙهندڙ کي هن مسلڪ جي بہ چٽائي رهي.

فقير سائين جن جو شاعري بياض گهٽ ملي سگهيو آهي، جيڪو ملي سگهيو سو هن ڪتاب ۾ درج

Scanned by CamScanner

ڪجي ٿو. مگر جيڪو بياض مليو آهي سو سمجهه رکڻ واري انسان لاءِ پوءِ مسلم هجي يا غير مسلم. ان لاءِ هدايت حق جو وسيع بحر هڪ لوڻي ۽ بند ٽيل جي مثل آهي.

شال فقير سائين پنهنجي شان ۾ اسر ڏانهن ڏسي. هن ڪميٽيءَ جي ڪوتاهين ڏانهن نه ڏسي ۽ نگاهه ڪرم ڪري. آمين

(غلاميءَ جي دعويٰ به مٿاهين آهي. پر پوءِ به هادي پاڪ ۽ اميدوار آهيان)

غمڪساري غلام علي رضا برڙو

Scanned by CamScanner

حضور هادي فقير علي محمد جمالي قادري سروري ؒ جن جي وڏن جي بلوچستان کان سنڌ ۾ آمد:

پاڻ جمالي رمداڻي قوم جا آهن. فقير سائين جن جو ڏاڏو جناب ولي محمد اول عرف وليو خان نوجواني جي عمر ۾ صوبي بلوچستان جي علائقي "روجهاڻ" مان سنڌ صوبي جي خيرپور ميرس علائقي ڏانهن آيا. اچڻ جي سبب جون ٻه روايتون ملن ٿيون. ا) پنهنجي عزيزن قريبن سان ڪنهن ناراضگي سبب اتان ڇڏي سنڌ ۾ آيا. 2) ٻي روايت موجب والي رياست مير علي مراد ٽالپر جي آڇ تي سندن حمايت ۽ زمين جي سنيال خاطر رئيس وليو خان سنڌ ۾ رياست خيرپور ميرس جي علائقي ديهه گينداهو ۾ اچي رهائش پذير ٿيا. هيءَ ديهه موجوده تعلقي ناري ۾ آهي. ان وقت مير علي مراد ٽالپر جي حڪومت ڪافي ڪمزور ٿي چڪي هئي. انگريزن ٿورو حصو رياست خيرپور ميرس جو ڏنو هيو جيڪو اتر ۾ سکر کان اورتي، ڏکڻ ۾ نوابشاهه کان اورتي، اولهه ۾ پير ڳوٺ هادل شاهه درياهه جي ڪچي تائين ۽ اوير ۾ ناري تائين حد

وڃي رهي هئي. ان وقت رئيس وليو خان جمالي جي بهادري ۽ قابليت ڏسندي مير صاحب مٿس تمام راضي ۽ مهربان رهيو. هڪ دفعي شڪار تي ويل هئا، اتي اچانڪ هڪ شينهن ميرعلي مراد جي مورچي تي حملو ڪيو. جتي رئيس وليو خان جمالي ساڻس گڏ هيو ۽ شينهن سان مقابلو ڪري مير صاحب کي نقصان کان بچايائين. تقريباً مير علي مراد سان گڏ سات ڀر گهمندو هيو. فقير ولي محمد جمالي دوم جي چوڻ مطابق، ته رئيس وليو خان جمالي کي وزارت جو عهدو ڏنو هيائين. رئيس جي همدردي، بهادري ۽ صلاحيتن کي ڏسندي راضي ٿي، ديهه گيندائو بخش ڪيائين ۽ بعد ۾ ديهه لقمان لڳ خيرپور ميرس جي عطا ڪيائين. اها ديهه ۽ غير آباد ٽيل شهر مير لقمان ٽالپر جي نالي هئي ۽ پاڻ به ساڳي نالي سان وري نئين سر شهر لقمان آباد ڪيائون. ان وقت ان سرزمين تي واريءَ جون ڏڙيون ۽ ڪبڙ جا وڻ گهڻا ٻيندل هوندا هيا.

پاڻ ماڻهن کي وٺي اچي مفت پلاٽ فراهم ڪري ۽ رهائش جون سهولتون ڏئي شهر آباد ڪرايو.

Scanned by CamScanner

شروع ۾ پاڻ جمالي قوم جا ويٺا، خاصخيلي ۽ شيدي قوم جا به ويهاريائون. بعد ۾ نارائي سومرا قوم جا وٺي اچي لقمان ۾ ويهاريائون ۽ پير ڳوٺ "ڪنگري" مان ميمڻ قوم جا وٺي ۽ ڪجھ هندو قوم جا لڏائي اچي لقمان ۾ ويهاريائون ۽ شهر لقمان سٽي نموني آباد ٿي ويو. پاڻ پنهنجي پاڙي ۾ هڪ جامع مسجد به جوڙايائون ۽ سندن مزار مبارڪ به ان مسجد ۾ موجود آهي ۽ سندن گهاٽي دوست سيد شاهه محمد سائين جي مزار به ان جامع مسجد ۾ ساڻن گڏ آهي.

رئيس وليو خان کي هڪ نينگر نالي نبي بخش خان اول هيو. پاڻ اعليٰ تعليم جا صاحب هيا ۽ انساني صلاحيتن جا مجسمه هيا. هڪ دفعي هڪ انگريز حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر جي علائقي خيرپور ميرس ۾ آمد ڪيائين. مير صاحب ان انگريز جو وڏو شانائتو استقبال ڪيو. ان استقبال ۾ رئيس وليو خان جمالي پنهنجي فرزند نبي بخش خان اول کي به ساڻ وٺي ويو هيو ۽ جڏهن ڪنهن خاص جڳهه ۾ ويٺا ۽ گفتگو ڪچهري شروع ٿي، تہ اتي اهو انگريز حڪمران جڏهن

نبي بخش خان اول سان گفتگو ڪئي، تہ هن جي تعليم ۽ قابليت مان ايترو متاثر ٿيو جو پاڻ وٽ نوڪري ڪرڻ لاءِ آڇ ڪيائين ۽ شڪارپور شهر ۾ مختيارڪار جي نوڪري ڪرڻ جو پروانو لکي ڏنائين ۽ نبي بخش خان اول به اهو پروانہ قبول ڪيو ۽ انگريز واپس پنهنجي علاقي ڏانهن هليو ويو ۽ ان حقيقت جي خبر مير علي مراد ٽالپر کي پئي، تہ بعد ۾ رئيس وليو خان جمالي کي پاڻ وٽ گهرائي ۽ چيائين تہ تنهنجي نينگر تعليم اسان جي رياست ۾ حاصل ڪئي آهي ۽ توهان اسان سان گڏ آهيو پوءِ تنهنجو نينگر انگريز جي ڇو ٿو نوڪري ڪري؟ آءٌ اها نوڪري ڪرڻ نہ ڏيندو مانس. باقي مون وٽ جيڪا نوڪري پسند اچيس اها ڪرڻ جي اجازت ڏيندو مانس.

اها ڳالهہ جڏهن نبي بخش خان اول جي سامهن آئي، تہ پاڻ نہ انگريز جي نوڪري ڪيائون ۽ نہ وري ميرن جي نوڪري ڪيائون. پنهنجي زندگي آزاد گذاريائون.

Scanned by CamScanner

هن نيڪ بخت انسان جي گهر ۾ ڪو ولي الله فقير ڪامل جي تولد ٿيڻ جي اظهاري ڪا، روز اول کان عنايت ٿيل هئي. جنهن جو وقت اچي ويو ۽ نبي بخش خان اول کي به گهر هئا. پهريون گهر (ڏاڏي پوٽي)، جنهن مان نبي بخش خان اول کي به نينگر تولد ٿيا. سندن وڏو نينگر قدس سره حضور هادي فقير علي محمد جمالي سائين جن جي آمد ٿي، بعد ۾ ٻيو نينگر رئيس واحد بخش خان جمالي تولد فرما ٿيا ۽ هڪ نياڻي هئي. ۽ ٻيو گهر سرائي گهنور جي خاندان مان هو جيڪو شهر خيرپور ۾ اڄ به سرائي گهنور خان وڏو محلہ مشهور آهي جيڪي اصل ۾ هوت بلوچ هئا. جاگيرداري ۽ مير صاحب سان تمام قريب هئڻ جي ڪري کين سرائي سڏيو ويندو هو.

جيئن ته نبي بخش خان اول پاڻ ديني يا سرڪاري تعليم ۾ مٿاهان هيا، تنهنڪري پنهنجي اولاد کي به ديني ۽ سرڪاري تعليم جي زيور سان تمام سينگاريائون. تعليم مڪمل ٿيڻ بعد سندن ننڍي نينگر واحد بخش خان جمالي، مير صاحب والي رياست جي

Scanned by CamScanner

نوڪري ڪئي. ان وقت مير علي نواز ٽالپر جو دؤر شروع ٿي ويو. پاڻ خزاني جا انچارج ۽ بڻئي عملدار جي عهدي تي رهيا. ليڪن حضور هادي فقير علي محمد سائين جن ڪابہ نوڪري نہ ڪئي ۽ عشق الاهي جي شوق ۾ رهيا.

فقير علي محمد سائين رح جي تعليم: جيئن تہ سندن والد صاحب جناب نبي بخش خان اول ديني تعليم ۽ ظاهر جي تعليم جا صاحب علم هيا. اهڙي طرح پنهنجي اولاد کي تعليم جي حاصلات لاءِ وسيع محنت ۽ ڪوشش ڪيائون. ان منصب جو ڏل فقير سائين جن وڏان اظهار ٿيو تہ سندن قلمي نسخہ ديني تعليم عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ وڏا وڏا لکيل جلد ڪتابن جي صورت ۾ موجود اڃان تائين آهن. انهن مان محسوس ٿئي ٿو تہ پاڻ بہ ديني تعليم جو درس ڏيندا هئا. پاڻ ڪافي تعداد ۾ قرآن شريف هٿن اکرن سان لکيا آهن، جن ۾ سون يا چاندي جو پاڻي ۽ زعفران بہ استعمال ٿيل آهي. ان کان علاوہ حڪمت جا بہ صاحب رهيا آهن. آسان تشريح سان فارسي زبان ۾ وسيع نسخہ جات ۽ تشخيص سان ڪشتہ مارڻ جون واڻون لکيل ڪتاب ملن ٿا. پاڻ

ورد، وظيفہ، دعا تعويذ جا ڪتاب پڙ نبي بخش خان دوم واسطي لکيا اٽن. سندن اکرن جي لکڻي بہ اهڙي صاف ۽ مضبوط آهي جو پريس بہ شايد ائين اکر نہ چاپي سگهي.

"سندن هٿ اکر"



سندن هٿ اکرن مان لکڻي جي قابليت ظاهر ٿئي ٿي.

Scanned by CamScanner

فقير سائين جن جو دست بعيت ٿيڻ:

شهر لقمان شريف لڳ خيرپور ميرس ۾ ميمڻ قوم جا ماڻهو رهن پيا، جن مان اڪثر هڪ فقير نالي مير عبدالقادر ٽالپر قادري سروري رحمة الله عليه جن جا طالب مريد هئا. هنن وٽ وقتاً بوقتاً پنهنجي مرشد پاڪ جي آمد ٿيندي رهندي هئي. هڪ دفعي فقير سائين جن پنهنجي طالبن وٽ رهائش پذير هئا. اتان رستي سان هڪ نوجوان شاهاڻي لباس سان سينگاريل گهوڙي تي سوار اتان گذريو. فقير سائين جن پئي ڏٺو ۽ بعد ۾ پنهنجي طالب کان پڇيائين، ته هي نوجوان ڪير آهي؟ طالب وراڻيو ته قبلا سائين هي نوجوان رئيس نبي بخش خان جمالي جو نينگر رئيس علي محمد آهي. فقير سائين عبدالقادرؒ جن فرمايو ادا هي ته اسان جو آهي ۽ اسان وٽ ايندو. بعد ۾ ٿيو به ائين ۽ علي محمد سائين تي فقير جي فيض واري نظر پئي ۽ روز ازل وارو روحاني وندڀ ملڻو هيو. مرشد سائين جي روحاني اثر سان علي محمد سائين جي سيني ۾ به عشق الاهي جي باهه وڌي وئي ۽ فقير سائين مير عبدالقادر جو ڏس پتو پڇي ويجي خدمت ۾

حاضر ٿيو ۽ طالب ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪيائين.

بعد ۾ ڪافي وقت گذرڻ بعد مير عبدالقادر سائين پنهنجي ويراڳي فقير محمد يوسف ميمڻ کي چيائون، ته سامنهن هڪ ڪبڙ جي ويڑهه اٿئي، ان ۾ هڪ فقير ليکي اندر ويٺو آهي، هي ننگر ان کي ڏئي اچ. جڏهن سلام ڏئي ان فقير کي ننگر ڏنائين، ته عبرت ۾ اچي ويو ته هي حال هن فقير جو ايڏا وڏا وار مٿي ۽ صورت ۾ ٿي چڪا آهن ۽ فقير سان ڳالهائي نه سگهيو. ليکي جي ڀاهران ننگر رکيائين ۽ فقير محمد يوسف تي دهشت واري، ڪيفيت غالب ٿي ۽ بنا گفتگو جي واپس وريو.

فقير مير عبدالقادر سائين رح کيس فرمايو. اهو فقير سچاتئي ڪير آهي؟ قبلا سائين نه سچاتم. بعد ۾ مير سائين فرمايو ته توهان کي ٻڌايو هيم ته هي اسان جو آهي ۽ اسان وٽ ايندو. هي اهو ساڳيو علي محمد جمالي آهي، جيڪو ڪبڙ ۾ ويٺل ڏسي آئين.

بقول سائين علي گل جمالي جي ته، فقير علي

محمد سائين بارهن سال ان کبڙ وڻ ۾ محنت ۽ عبادت ۾ گذاريا. بعد ۾ رياضت ۽ خدمت جي مقبوليت سندن مرشد پاڪ جن وٽ ايترو تہ رنگ لاتو جو کين منصب فقيري عطا ٿيو. پنهنجي مرشد پاڪ جو ايترو تہ ادب ۽ تعظيم ڪندا هئا، جو بي مثالي نظر ايندو هيو ۽ مرشد پاڪ جي امر مطابق پنهنجي شهر لقمان شريف ۾ دائمي رهائش اختيار ڪيائون ۽ هر انسان کي هدايت حق فرمائيندا هئا. حاجتمندن کي حاجت روائي جي دعا ڪرڻ فرمائيندا هئا.

فقير علي محمد جمالي قادري سروري جن جي طالب ٿيڻ بعد رهٽي کهٽي:

طالب ٿيڻ بعد پنهنجو ڪاڏو مختصر ڪيائون. تقريباً اٽين پهر هڪ ماني کائيندا هئا، سو به سادو ڪاڏو ۽ پنهنجي پائٽي هڪ پلاري نيڪ عورت بيبي جي هٿ سان پچايل هجي. باقي گهر جو شاهاڻو ڪاڏو ترڪ ڪيائون. جسماني تڪليف خاطر لوهارڪي ڪم نموني ٽفٽي يا ڇُري وغيره تمام سهڻي انداز ۾ ٺاهي تيار

Scanned by CamScanner

ڪندا هئا. اها تيار ٿيل شيءِ ماڻهن کي ڏيکاريندا هئا. ۽ ان شيءِ کي ماڻهو پسند ڪري تعريف ڪندا هئا. پاڻ وري ان کي باهه ۾ وجهي ڳوڙهو ڪري نئين سر ٻيهر تيار ڪندا هئا. ڪجهه وقت ائين ٻه گذريو. پاڻ سڄي ڄمار ۾ شادي ٻه نه ڪيائون. فقير سائين جن، جن ٻه ماڻهن کي دعا ڪندا هئا، تقريباً اها مستجاب هوندي هئي ۽ ماڻهو تحفي طور پڪي متائي، روڪ رقم يا ٻيو سامان ڪٽي ايندا هئا. پاڻ وري لقمان شريف جي ننڍي عمر وارن ٻارن کي اهڙو هيرائي ڇڏيو هئائون جو جيئن ئي اهو مهمان سوالي آستاني کان ٻاهر نڪرندو هيو ته ٻارڙا پڇندا ايندا هئا ۽ پاڻ انهن کي سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ گذر سفر جي لاءِ پاڻ اتان اٺ آنا يا هڪ روپيه رکندا هئا. جڏهن اهوکپي پورو ٿيندو هيو ته بعد ۾ وري اٺ آنا يا روپيه ماڻهن جي آندل نذر نياز مان اتان رکندا هيا، باقي لقمان شريف جي ٻارڙن کي ڏئي ڇڏيندا هيا. پاڻ سالڪ هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن مستيءَ جي عالم ۾ مست ٻه هوندا هئا. پاڻ مجاز جي مرحلي مان ٻه گذريا. هڪ عورت تي سندن مجاز ٿي پيو ۽ وقت گذرڻ سان ايتري قدر جو اول ۾

محبوب جا مائٽ دل ۾ غير آڻيندا هئا ۽ بعد ۾ فقير سائين جن ڏانهن غير نڪري ويو ۽ ان جا مائٽ ئي محبوب فقيرياڻي کي اجازت ڏيندا هئا فقير سائين جن سان ملڻ جي.

ان وقت مير علي نواز تالپر جي دؤر حڪومت هيو ۽ حاجت ۾ فقير سائين جن ڏانهن دعا ڪرائڻ واسطي ايندو هيو. جيئن پاڻ فقير سائين جن هيٺ ڪٽولي يا سندلي تي ويٺا هوندا هئا، تہ مير علي نوازکي بہ ويهڻ جي لاءِ سندلي ڏيندا هئا.

ان وقت مير علي نواز جو مجاز مائي بالي سان هيو. هڪ دفعو مائي بالي ناراض ٿي لاهور هلي وئي ۽ مير علي نواز آيو فقيرسائين جن ڏانهن، ڪيس دعا ڪيائون ۽ بالي واپس آئي. ٻيهر رُسي وئي ۽ مير آيو فقيرسائين وٽ دعا ڪرائڻ لاءِ، پاڻ چيائونس، تہ اڳ ۾ توکي هت گهرائي ڏني سي، هاڻي تون اوڏانهن لاهور وڃ توسان پرچندي ٻوءِ مير علي نواز ريل گاڏي سالم ڪئي ۽ لاهور تائين خوشيون ڪندو پهتو ۽ بالي هن سان راضي ٿي ۽ خيرپور

Scanned by CamScanner

آئي. باقي مير جي طرفان جيڪا بہ سوغات يا جاگير ملڻ جي آڇ ٿي سا قبول نہ ڪيائون.

لقمان شريف جي هڪ چوڪ تي هڪ الهہ لوڪ فقيرياڻي ذِتي نالي نانگي ويهندي هئي، پر جڏهن بہ فقير سائين جن جويا سندن هڪ طالب سَرِفقير غازي غمڪسار سائين جن جو آتان گذر ٿيندو هيو تہ ڪنهن ماڻهوءَ کان يا دوڪاندار کان ڪپڑو قري پاڻ کي ويڑهيندي هئي ۽ چوندي هئي تہ بس ڪيو مرد ٿو اچي. پوءِ ماڻهو چوندا هيس، تہ پيا ماڻهو توکي مرد نظر نٿا اچن جو نانگي ٿي ويهين ٿي؟ چوندي هئي تہ اهي مرد نہ آهن. ۽ حضرت صالح شاهہ راڻيپور وارن جي آمد تي بہ ڏتي فقيرياڻي ڪپڑو ويڑهيندي هئي. هينئر ان فقيرياڻي جو قبو مزار خيرپور ۾ آهي.

آ هڪ دفعي حضور هادي فقير علي محمد جمالي قادري سروري رح جن ڏانهن هڪ شخص آيو ۽ فقيرسائين جن کي وڏي ناز مان ٻڌايائين، تہ آء يس شريف عمل ۾ ڪئي آهي، پڙهي جنهن کي اشارو ڪيان اڏواڏ ٿي

ويندو. ليڪن فقير سائين جن هن شخص کي ان عمل جو ڪوبہ زباني داد نہ ڏنو. وري ٻيهر ان شخص ساڳي ڳالهہ ورجائي ٻڌائي، پوءِ بہ فقير سائين جن ان شخص کي گهربل داد نہ ڏنو ۽ ٽيهر ساڳو بيان ڪري فقير سائين کي ٻڌايائين. جنهن تي فقير سائين جن ان شخص ڏانهن متوجهہ ٿيندي فرمايو. يس شريف عمل ۾ ڪئي ٿي، تہ ڇا ٿي پيو جيستائين يس شريف پڙهي ۽ ڪنهن کي اڏواڏ ڪرين، تيستائين توکي تہ ڏنڊو هٽي پورو ڪري ڇڏيندو. پاڻ اتي بيٺل هڪ ڪنڊي جي وڻ ڏانهن نهاريندي ان شخص کي چيائون، هيڏي ڏس. بسم الله الله اڪبر چئي آڱر جو اشارو ڪيائون، تہ ان وڻ جو تار ڪپجي اچي هيٺ ڪريو. ٻيهر بسم الله الله اڪبر چئي ٻئي تار تي آڱر جو اشارو ڪيائون، تہ اهو بہ ڪٽجي اچي هيٺ ڪريو ۽ ان شخص کي فرمايائون جيستائين تون سڄي يس پڙهي پوري ڪرين تيستائين توسان ڇا ٿيندو؟ پوءِ اهو شخص مات ٿي ويو.

پاڻ ڪچهري جي ماڻهن سان خوش مزاجي جي گفتگو بہ ڪندا هئا. عام ۽ خاص هر سوالي ۽ تي دعا

ڪرڻ جي نگاهه ڪرم به ڪندا هئا. مولا پاڪ ﷻ جي طلب رکڻ وارن لاءِ راهه هدايت جا رفيق به هيا، ته روحاني فيض جو وسندڙ ڪر به رهيا آهن.

فقير علي محمد قادري سروري جن جا طالب:

طالبن ۾ خاص طرح به نالا ملن ٿا.

1. طالب سَري فقير عبدالرحمان غمڪسار مهيسر قادري سروري رضوان الله تعالىٰ عليه: هي فقير سائين جن مولا پاڪ ﷻ جي طلب رکي پيري مغان مرشد پاڪ ڪامل فقير جي دست بعيت ٿيڻ جي تلاش ۾ ڪافي ساتريون سنڌ جون درگاهون شريف تي اچي حاضري پريندو هيو. فقيرسائين جن وٽ مرشد پاڪ جي وٽڻ کان اڳ ئي روحاني اسرار ڪليل هيو. تنهنڪري آساني سان مٿاهين درجي وارو ڪامل فقير ملڻ دشوار ٿي پيو. هڪ دفعي روحاني اشارو ٿيوءِ نصيب لقمان شريف ۾ هيوءِ پاڻ فقيرهادي حضور علي محمد قادري سروري رح جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. دست بعيت طالب ٿيڻ جو کين شرف حاصل ٿيو. بعد ۾ پنهنجي مرشد پاڪ

حضور هادي علي محمد جي خدمت ۾ ڪافي وقت رهي پيا. ننگر پاڻ پچائي مرشد پاڪ کي ڪارائن پيا ۽ پاڻ بہ ڪائن پيا، رياضت ڪن پيا ۽ خدمت سان گڏ عبادت ۾ اهڙو مشغول رهن پيا، جو ڏينهن جي ٽڪاوٽ جي ڪري رات جو بہ ذڪر الاهي ۽ عشق الاهي ۾ جاڳندا هئا. جڏهن ننڊ گهٽو غلبو ڪندي هئي، تہ پاڻيءَ ۾ لوڻ پچائي اتان سرايون اکين ۾ پائيندا هئا. اگر ايڏا بہ غلبو ننڊ جو رهندو هيو تہ آڳر کي ڪَپَ سان يا بليڊ سان جهيرڏئي ان ۾ مرچ ڳاڙهو وجهي متان اڳڙي ٻڌندا هئا. اهڙي طرح سان هردم کي ذڪر سان شامل ڪري، تصور پچائي، خيال کان پاڪ ڪري روحاني راهہ ۾ وڌندا رهندا هئا. مرشد پاڪ جي باقي ظاهري حياتي تائين درگاهہ شريف تي رهي، عبادت، رياضت ۽ خدمت ڪيائون. سندن مزار مبارڪ ۽ حديره شريف ۾ گوٺ رفيق مهيسر تعلقہ ڪنگري ۾ آهي.

آخر ۾ هن طالب سڳوري تي پنهنجو هادي رهبر فقير علي محمد سائين قادري سروري جن ايترو تہ راضي ۽ شفيق ٿيا، جو پنهنجي طالب فقير غمڪسار قادري

Scanned by CamScanner

سروري رضہ کي فرمايائون، تہ آءُ پنهنجي فقيري واري پگ توهان جي حوالي ڪيان ٿو. ان سان گڏ منهنجي ورثي ۾ آيل ملڪيت جو وارث بہ توهان کي ڪيان ٿو ۽ منهنجي برقعي مٿڙ بعد منهنجو ٻارهو بہ توهار اچي ڪجو.

جنهن تي سندن طالب سَري فقير غمڪسار سائين جن وراڻيو قبلا سائين آءُ ۽ منهنجي اولاد توهان جو ٻارهو ضرور ڪنداسي، باقي اها ملڪيت، پلاٽ، زمين يا رقم مونکي نہ گهرجي. اگر توهان جا پويان اسان کي اچڻ نہ ڏيندا، تہ روڍ تي بہ توهان جو ٻارهو کيڏيندو. باقي اها ملڪيت نہ کٽبي. پوءِ تہ سندن مرشد پاڪ علي محمد سائين جن ڏاڍا خوش ۽ راضي ٿيا ۽ فقير سائين جن جي وصال کان بعد اڄ تائين پهريان فقير غمڪسار سائين ۽ هاڻي سندس اولاد وارا فقير هادي گل حسن فقير سائين، ان بعد فقير محمد يوسف عرف نانڪ سائين ۽ شيرل سائين جن اچي 7 شعبان تي هر سال حضور هادي فقير علي محمد جمالي قادري سروريؒ جن جو عرس مبارڪ وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا رهندا آهن ۽ ٻارهي کان بہ ڏينهن اڳ ۾ ايندا آهن. رياضت ڪندا

Scanned by CamScanner

آهن ۽ محفل سماع ٿيندو آهي.

2. طالب علي شير عرف شينهن فقير شرُ قادري سروري رح: هي طالب فقير سائين بہ عبادت، محنت، رياضت ۽ خدمت ۾ منصب فقيري حاصل ڪري شينهن تخلص سان مشهور ٿيو. هي فقير طالب ويڙل هيو آڪِري چؤڏڳي لڳ ڪروندي تقلہ فيض گنج جو هيو. هينئر اتي سندس چؤڪنڊہ ٺهيل آهي. رياضت ۽ خدمت سندس اولاد مان فقير ڪندا آهن مهمانن جي.

مشهور هنن ۾ن طالبن جا نالا ملن ٿا. ليڪن ٻيا بہ طالب ٿي سگهن ٿا، جن جي سُڌِ نہ ملي سگهي هجي.

حضور هادي فقير علي محمد قادري سروري رح جن جو حليہ مبارڪ:

قد مبارڪ ۾ پورا قداور هيا. چهرو مبارڪ گول سهڻو پورو ۽ وڻندڙ. نيڻ مبارڪ ڪشادا ۽ هشمت وارا. ڪنن ۾ هڪ والي پائيندا هئا. مٿي جا وار مبارڪ وڏا رکيل هوندا هئا.

Scanned by CamScanner

حضور هادي فقير علي محمد سائين رح جن جو

جنم ۽ وصال: سن اندازن 1870 عيسوي ۾ جنم ٿيو آهي

۽ وفات معراج: 6 سيپٽمبر 1934 عيسوي ۾ وصال ٿيو آهي. ان حساب سان سندن ظاهر عمر مبارڪ 64 سال جي حد تائين آهي.

نوٽ: جيئن ته فقير سائين جن صوفي آهن ۽ تصوف سان وابسته آهن، تنهنڪري روز الست جي ڪجهه ڇاڻ سان گڏ تصوف، صوفي، درگاهه يا مئخاني بابت مختصر ڇاڻ لکجي ٿي. جيئن ان روحاني راز جي مسلڪ کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي هر عام انسان کي.

Scanned by CamScanner

786

حسب نسب شجرو

فقير علي محمد قادري سروري

جناب ولي محمد اول عرف وليو خان جمالي رمداڻي

↕

جناب نبي بخش خان اول

↕

فقير علي محمد سائين (شادي نہ ڪيائون ۽ پاڻ تارڪ رهيا

جناب واحد بخش خان

جناب نبي بخش خان دوم ۽ هڪ نياڻي

↕

جناب حسين بخش خان

↕

جناب ولي محمد دوم

جناب علي محمد دوم عرف علي گل

جناب واحد بخش دوم عرف علي ڈرُ

جناب پير بخش

Scanned by CamScanner

786

حسب نسب شجرو

(فقير مير عبدالقادر ٽالپر قادري سروري رح)

مير رستم علي خان ٽالپر صاحب اول

مير علي اڪبر خان ٽالپر

مير غلام شاهه، مير علي گوهر، مير نجف علي، مير حيدر علي، مير تراب علي، مير لطف علي، مير عبدالقادر قادري سروري رح، مير ذوالفقار علي، مير حسين بخش

مير فقير عبدالقدوس قادري سروري، مير عبدالفتاح

Scanned by CamScanner

فقير مير سائين عبدالقادر قادري سروري رح

فقير سائين جن گهراڻو شاهي خاندان سان منسوب هيو ۽ زندگي گذاري ۾ تمام آرام ۽ آسائش جا سڀ وسيلا موجود هيا. مگر روز الست ۾ يا تقدير ۾ جيڪا رب پاڪ سائين جل جلاله جي رضا. ارادو يا امر هوندو آهي ضرور ظاهر ٿيندو آهي. اهڙي عنايت الاهي تحت. هن بادشاهي فرد ۾ اسرار فقيري عيان ٿيڻ لڳو. سندن رهائش لڳ روهڙي شريف جي ٽنڈو مير محمد حسن ۾ هئي جتي سندن تڪيه آهي لڳ باءِ پاس جي.

هن وقت ڪافي فقيرن طالبن وٽان ان اسرار جي ظاهري سبب ۾ جيڪا روايت ملي ٿي. اها ڪجهه هن ريت آهي. ته هڪ دفعي مير سائين جن وٽ هڪ عرب ملڪ جو ڪوئي الهه لوڪ اچي وٽن مهمان ٿيو. پاڻ انهن سان صحبتي رهيا. جڏهن اهو عرب مهمان واپس وريو ته علم سيفي جو ڪجهه مواد ڪيس اتي رهجي ويو. پاڻ مير سائين. اهو مواد مطالعي ۾ ڪيو ۽ ڪيس عشق جاڳي پيو ۽ ان سيفي کي پڙهيائين ۽ ان ماڻ ڪين لقاءِ

الاهي جي عنايت حاصل ٿي. مگر ان ديدار سان گڏ امر الاهي جو فرمان هن طرح عطا ٿيو ته اي فقير آئيندہ لاءِ هن سيفي جي رستي نہ بلڪ پير طريقت جي رستي اسان سان ملڻ جي ڪوشش ڪيو.

جنهن فقير کي لقاء الاهي جو شرف حاصل ٿيو هجي، تہ ڇا ان تي عشق حقيقي جو غلبو هوندو ۽ ٻيهر لقاء ديدار جي ڇا تڙپ هوندي.

ان وقت مير سائين عبدالقادرؒ جن وٽ هڪ الهہ لوڪ فقيرياڻي مائي پري مير بحر جي وٽن آمد ٿيندي هئي. ان جڏهن مير عبدالقادر سائين جو عشق الاهي وارو حال ڏٺو ۽ راضي ٿي، پنهنجي مرشد ڏانهن حضرت مولانا حافظ فقير محمد صديق قادري سروريؒ جي درگاهہ شريف گهوٽڪي ضلع جي مهيسرو اسٽاپ کان تقريباً 6 ڪلوميٽر لال پير بادشاهہ ۾ آهي، اوڏانهن مير سائين کي وٺي آئي

مير عبدالقادر سائين جن اتي مخدوم نور احمد المعروف سخي نائب سائين ولد حضرت مخدوم محمد

صديق سائين رح جن جا دست بعيت طالب ٿيا ۽ روحاني فيض حاصل ڪري اعليٰ منصب حاصل ڪيائون.

مخدوم نور احمد سائين جن جو جنم 1207 هـ ۽ سندن وصال وفات 22 محرم الحرام 1270 هـ. ڪتاب بحر المحيط محمد پوري مصنف مخدوم زيد احمد صاحب کان ملي ٿي. مخدوم نور احمد قادري سروري پنهنجي والد صاحب مخدوم محمد صديق قادري سروري سائين جو طالب ٿي فيضياب ٿيا هيا. مختصر ذڪر مخدوم محمد صديق قادري سروري جن جو لکجي ٿو.

مخدوم محمد صديق قادري سروري رح:

هن فقير سائين جن جي پيدائش 1107 هجري مين واڙهه سيهڙان ليه ڪامل خان پنجاب (مظفر ڳڙهه) ۾ جناب نواب مسو خان جي گهر ۾ هئي. پيدائش کان اڳ ئي ڪامل ولي هجڻ جي بشارت سندس والد کي ملي هئي. ڀاڻ بچپن کان هر انسان جي عزت ڪرڻ لڳا. گوشه نشيني کي گهڻو پسند رکن پيا. پنهنجي والد جي سرداري

نظام ۾ ڪابہ دلچسپي نہ پيا رکن. پنهنجي آبائي ڳوٺ جي پرسان هڪ فقيرياڻي بيبي غلام فاطمہ صاحبہ رهندي هئي، جيڪا مستن جي ماءُ سڏبي هئي. هن فقيرياڻي کي حضرت سلطان باهو رحمة الله عليہ جن ڏيءَ ڪري سڏيو هيو ۽ روحاني فيض سان نوازيو هيو. هن فقيرياڻي ڏانهن مخدوم محمد صديق رح جن حاضري پرڻ ڪثرت سان ايندا هئا. ايترو تہ فقيرياڻي مٿن راضي ٿي جو مخدوم سائين کي پنهنجو پٽ ڪري سڏيائين ۽ روحاني طرح پنهنجي مرشد حضور هادي سلطان باهو رحمة الله عليہ جن کان روحاني طرح فيض ونڻي ڏنائين. ايتري قدر جو سلطان العارفين سخي سلطان باهو رح جن روحاني امر ۾ ائين فرمايو: "اگر ڪوئي طالب مون ڏانهن نہ پهچي سگهي ۽ مخدوم محمد صديق رح جي حاضري ۾ حاضر ٿئي اهو ڇڻ منهنجي دربار ۾ حاضر ٿيو. بعد ۾ روحاني امر موجب ديني خدمت ۽ روحاني فيض ڏيڻ خاطر پنهنجو آبائي شهر ڇڏي سنڌ ۾ اچي رهائش پذير ٿيا. اول ۾ روهڑي شريف ۾ آيا ۽ فيض تقسيم ڪرڻ جو آغاز ڪيائون. ڪجهہ وقت مخدوم محمد اسماعيل وٽ

پريالوءِ ۾ رهيا. ان بعد گيمڙي ۾ اچي رهيا ۽ اتان سندن مريد ڪريم ڏنو ڪلهوڙو جي عرض ۽ دعوت تي گڏ واري (شير والي ڪڏ واري) ۾ اچي رهيا. بعد ۾ اتان سندن طالب قوم جا ڏاريجا گهوٽڪي ضلعي ۾ لڳ اسٽاپ مهيسرو کان درگاهه لعل پير ۽ فقير محمد صديق سيهڙ سائين جي قبي ۾ سندن مزار مبارڪ آهي، جتي هميشه لاءِ سڪونت پذير ٿيا. سندن وصال 127 ورهين جي ڄمار ۾ سن 18 ربيع الآخر 1233 هجري ۾ ٿيو.

مخدوم محمد صديق قادري سروري رح جو عرس مبارڪ هر سال 16، 17 ۽ 18 ربيع الآخر ۾ احترام ۽ عقيدت سان ٿيندو آهي. جنهن جو انتظام سندن گادي نشين مخدوم نثار احمد قادري سروري صاحب جن خدمت سرانجام ڏيندا آهن.

مخدوم محمد صديق قادري سروري جن جي درگاهه تان ڪيترائي طالب فيضياب ٿيا ۽ ڪيترائي خليفا ٿيا (ڪتاب بحر المحيط محمد پوري مصنف مخدوم زيد صاحب) تان مختصر لکجي ٿو.

Scanned by CamScanner

سندن خليفا:

1. خليفو ميان ڪريم ڏنو ڪلهوڙو (ڪُڏواري)
2. ميان محمد مراد پٽي، حضرت مولانا حافظ ميان عبدالحليم (ڪنڊوي) مزار روهڙي شريف نزد ريلوي ڪراسنگ
3. مولوي ميان غلام صديق (شهدادڪوٽي)
4. خليفه ميان سلطان فقير علوي (گنداواهه جهل مگسي جي نزد)
5. حضرت مولانا محمود (مزار نوتال اسٽيشن ۽ اوستا محمد کان رستو وڃي ٿو. پير ڪلا ۾ قبرستان آهي).
6. فقير ساڻي مهتمم ڪڏواري ۾ بعيت ڪيائين ۽ لنگر جو ڪم ڪار ڪندو هو.
7. فقير اميد علي مهر گنجي پٽ وارو.
8. مخدوم بهاول موچي.
9. مولانا مخدوم ڏنو لنجار عالم دين به هيو.
10. مولانا ميان محمد ڪامل ڪٽباري (نزد ڪٽبار شريف)

Scanned by CamScanner

11. حضرت سيد محمد ملوڪ شاهه (نزد جيڪب آباد اسٽيشن)

12. حضرت مولانا تاج محمد مهر، هي فقير سلطان باهوؒ جي باطني امر سان محمد پور درگاهه تي آيو هيو. (ميان جو ڳوٺ همايون شريف شڪارپور)

13. حضرت خواجه شير مست (قبه شريف جي مغرب ۾)

14. خليفه محمد نور ڪوکر ۽ خليفه محمد قبول ڪوکر (نزد قبه شريف قبرستان ۾)

15. حافظ ميان سعادت ۽ حافظ ميان غازي (پير سيلاني قبرستان لهڙي نزد بختيار آباد بلوچستان)

16. حضرت ملا محمد سرڪي ۽ حضرت مولانا محمد حسن لاشاري (نزد قبه قبرستان)

17. خليفه مبارڪ بوهڙ اوستا محمد جو (مزار نزد قبه قبرستان)

ڪيترائي طالب فيضياب ٿيا. ڪيترن پنهنجا طالب ڪري انهن کي به روحاني فيض روان رکيو.

Scanned by CamScanner

مير عبدالقادر ٽالپر قادري سروري جن جو طالب ٽيڻ بعد رهڻي کهڻي:

پاڻ طالب ٽيڻ بعد شاهاڻي زندگي گذارڻ ترڪ ڪري ڇڏي. هڪ ڪاڻجو ريڑهو چئن ڦيٽن سان ٺهرايائون ۽ ان تي چڑهي ويهندا هئا ۽ حڪمت جون دوائون ٺاهي ظاهري گذر سفر واسطي ۽ انسانيت جي خدمت واسطي يوناني علاج ڏيندا هئا ۽ عبادت الاهي ۾ اڪثر مستغرق رهندا هئا. هر مهيني جي 11 تاريخ دستگير بادشاهه پير محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلاني جي ورسي ملهائيندا هئا. ڪيترن ئي طالبن کي روحاني فيض عنايت ڪيائون. پاڻ اڪثر ريڑهي ڪاٺ جي تي ويهي گذارينداهئا. ظاهر جي تسبيح بہ پڑهندا هئا. (ريڑهو موجود ٽنڈو مير محمدلڳ روهڑي شريف)



Scanned by CamScanner

فقير ولي محمد جمالي قادري سروري:

حضور هادي فقير علي محمد جمالي قادري سروري جن جي نسبتي برادري جي پڳ هن وقت سندن پائرن ۾ وڏي هجڻ جي ڪري سندن سر تي آهي. پاڻ هڪ خاص ۽ اهم ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن. وڏڙن ۽ فقير حضور هادي علي محمد قادري سروري جن جو قلمي مواد ديني يا روحي نثري يا نظمي سنپالينڊا اچن پيا. ۽ فقير سائين جن جون ڪي واپرائيندڙ شيون جن ۾ هڪ خاص اها به آهي جيڪو سندن پاڻي پيئڻ جو وڻو آهي، جنهن تي قرآن شريف جون سورتون چار قل شريف لکيل آهن ۽ ميرن طرفان هڪ دستار چاندي جي تند سان جنهن تي جڙاوت ٿيل آهي جيڪا عام ڪپڙي کان ڪافي وزن رکي ٿي، مگر اها دستار فقير سائين جن ڪڏهن به استعمال نه ڪئي، اها به فقير ولي محمد جمالي جن محفوظ طرح سنپالينڊا اچن پيا ۽ ان سان گڏ ڪيترائي ديني يا حڪمت جا يا روحاني ڪتاب سندن دست مبارڪ سان لکيل وڻن موجود آهن.

Scanned by CamScanner

فقير ولي محمد جمالي قادري سروري

ع سندس
فرزند

Scanned by CamScanner

فقير علي محمد دوم عرف علي گل جمالي قادري سروري

هن فقير سائين جن جي پيدائش 1952ع ۾ آهي. پاڻ تقريباً سن 1980ع کان حضور هادي فقير علي محمد جمالي قادري سروري جن درگاهہ شريف تي خدمت ۽ رياضت ۾ گذارن پيا.

شروع ۾ فقير سائين جن جو حديره شريف هڪ ڪوٽي نموني ٺهيل هيو. وري ٻيهر ٻيو دفعو بہ حديره ڪوٽي نموني ٺهيو جيڪو جناب فقير ارشاد علي مهيسر قادري سروري جن جي سهڪار سان ٺهيو. هينئر ٽيون دفعو فقير علي گل جمالي قادري سروري جن سن 2009ع ۾ نئين سر حضور هادي علي محمد جمالي قادري سروري جن جو عاليشان گنبذ قبو مبارڪ پنهنجي خرچ تي ٺهرائي سعادت حاصل ڪئي آهي ۽ درگاهہ شريف ايندڙ زائرين جو خدمت گذار آهي.

Scanned by CamScanner

روز الست، تصوف، صوفي درگاهون ۽ مئخانہ

روز الست:۔ روز الست ۾ حضور انور شاهنشاهہ رب پاڪ جل جلالہ سيني انسانن ارواحن جي سامهون ٻہ راز سامنهن آندا ۽ بعد ۾ هر انسان کي وقت مقرر ڏئي ڪثرت جي جهان ۾ موڪليندو رهي ٿو.

1. **پهريون راز واعدو**:۔ سيني ارواحن کان "الست بربکم" فرمائي وعدو ورتو ويو. ان بابت شاهہ عبداللطيف پٽائي رح هن طرح نظم فرمائي ٿو:

الست بربکم جڏهن ڪن پيوم
تالو بلي قلبسين تڏهن تِتِ چيوم
تنهين ويرِ ڪيوم وچن ويڙهيچن سين

اهو واعدو خاص طرح رب پاڪ سائين ج جي سڃاڻپ ڪرڻ جو نظر اچي ٿو تہ هِتِ روز الست ۾ ٻہ سڃاڻو ۽ ڪثرت جي جهان ۾ وڃڻ بعد ٻہ سڃاڻو تڏهن خدا پاڪ جل جلالہ ٻہ پنهنجو وصال انسان تي عطا فرمائي ان انسان کي واصل بالله ڪري ٿو ۽ الستي اقرار پورو ٿئي ٿو.

Scanned by CamScanner

پاڻ سچاڻ آيو ٻاروچو ڪمر نہ هيڙس ڪو ٻيو
عرش منجهارئون فرش تي اُلهي، هِت وِرهہ وسائڻ آيو ٻارچو
سچَل هن سنسار ۾، هت پيرَ گهمائڻ آيو ٻاروچو

ٻيو راز عشق امانت:۔ هن راز واسطي فرمان الاهي آهي

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَتَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْاِنْسَانُ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا

بيشڪ اسان آسمان، زمين ۽ جبلن جي اڳيان امانت کي آندو پوءِ انهن هِن جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڊجي ويا ۽ ان کي انسان کنيو. بيشڪ اهو وڏو ظالم (يعني نفس کي ماريندڙ) ۽ نادان (يعني پاڻ کي وساريندڙ) آهي.

فقير سَري مست سچل سائين عشق جي ٻره جي حقيقت هن طرح فرمائي آهي.

Scanned by CamScanner

فال پئي ناءِ آدمَ اُتي، اهو بار برهُ دا سِرُ تي چاوندي ني
ملكان فلكان اڻان كُل انكار كيتي،
اهو بارُ خاكي دي سِرِ پاوندي ني
انهان سوران دا سِرِ سهريا گهتيا،
انهان ڏينهن لاكون اڄ ڳاوندي ني
(سچل)

هر انسان كي ضروري ۽ لازمي هي غور فكر كرڻ گهرجي، تہ هن عارضي كثرت جي جهان ۾ آءٌ كهڙو مقصد ساڻ كڻي آيو آهيان، جڏهن سوچيندو تہ ان كي روز الست جو رب پاك ج سان كيل اقرار ۽ رب پاك ج جي نازل ٿيل عشق واري امانت ياد ايندس. اهي ٻئي مقصد تڏهن كامياب ٿيندا، جڏهن پنهنجي سر جي سجاڻپ كري ۽ رب پاك ج جي سجاڻپ كري چوتہ حديث قدسي ۾ هن طرح فرمان اچي ٿو:۔ كنت كنزا مخفيا فاردت ان اعرف فخلقت الخلق لاعرف. مان هك ڇپيل خزانو هيس، مان چاهيو تہ آءٌ سجاتو وڃان، بس مان مخلوق كي پيدا كيو تہ جيئن مان سجاتو وڃان.

Scanned by CamScanner

واعدي ۽ امانت کي پوري ڪرڻ جا رستا:-

واعدي ۽ امانت جو لاڀ حاصل ڪرڻ جا ٻہ رستا نظر اچن ٿا. 1. دين ۽ 2. عشق الاهي يعني حقيقي عشق

1. **دين**:- دين جي منزل وقت جي نبين پنهنجي امت کي ٻڌائي ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ جي هدايت هموار ڪيائون. جن دين جي منزل حاصل ڪئي سي ڪامياب ٿيا ۽ مسلمانن جي دين اسلام ۾ منزل حاصل ڪرڻ جا چار طبقا سمجهايا ويا آهن.

پهريون طبق شريعت:- هي دين اسلام جو وزير اعظم آهي، جنهن مان گناهہ ثواب، سزا ۽ جزا وغيره جي خبر پوي ٿي ۽ شريعت پنجن رڪنن تي مشتمل نظر اچي ٿي. توحيد، نماز روزو زڪوات ۽ حج.

ٻيو طبق طريقت:- طريقت مان مراد پيري مغان ڪامل مرشد نظر اچي ٿو.

ق: يايها الذين آمنوا اتقوا الله وتبعوا اليہ الوسيلتہ في سبيلہ لعلكم تفلحون: اي ايمان وارؤ! الله کان ڈجو ۽ ڈانهس وسيلو ڳوليو ۽ سندس واٽ ۾ ڪوشش ڪريو من اوهين

Scanned by CamScanner

چٽو.

هن آيت سڳوري ۾ مرشد ونڍڻ جو امر اچي ٿو. وسيلو مرشد ڏانهن اشارو آهي، جيڪو روحاني راهه جو واقف هجي ۽ ان جو مريد يا طالب ٿي سندس مليل هدايت تي عمل پيرا ٿي روحاني راز حاصل ڪري ٿو. هر طالب ۽ مريد طريقت، حضرت عشق ۽ بين سلسلن ۾ بہ آهي.

نيون طبق حقيقت:۔ سچي مسلمان وٽ روحاني اسرار سان اصل حقيقت پنهنجي اندر عيان ٿئي ٿي ۽ اهو مسلمان، مومن ٿي پوي ٿو. پنهنجي حيثيت، مرشد جي حيثيت، پنجتن پاڪ سائن جي حقيقت يا رب پاڪ جي حقيقت سمجهي وڃي ٿو ۽ هن ونّان مذهبي وڪوڙ ويڑ، وڏڙ ۽ نفسي تعصب يا غير خيال ختم ٿين ٿا ۽ سر شناسي ۽ رب شناسي ڪري ٿو.

چوٿون طبق معرفت:۔ دين اسلام آخري منتاهين منزل معرفت جي طبق مان روحاني رمز حاصل ڪندڙ سلسلا ۽ اڪثر اولياءَ هن منزل تي اچي واصل باالله ٿيندا

Scanned by CamScanner

آهن ۽ ولايت باطني جي خود مختياري حاصل ڪندا آهن ۽ اهي ئي سچا ۽ ڪفر کان آزاد مسلمان مؤمن آهن ۽ سڀ روحاني سلسلا معرفت حاصل ڪري اڳتي وڌندا آهن.

جيڪو مسلمان شريعت کي پوري طرح نٿو سمجهي سگهي، ان وٽ اڪثر ڪري مذهبي حدون پيدا ٿين ٿيون ۽ اسلام جي هيڪڙائي تي ثابت قدم نٿو بيهي ۽ معرفت تائين پهچڻ ۾ قاصر رهي ٿو.

Scanned by CamScanner

2. **حضرت عشق**:- جيئن حضور انور شاهنشاهه ذات پاڪ جل جلاله جهانن جو پالينڌڙ رب العالمين پاڪ آهي، اهڙي طرح حضور انور سردار ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم رحمت اللعالمين پاڪ آهي. تنهنڪري پنهنجي امت سان گڏوگڏ پوري انسان ذات لاءِ سندن وڏان عشق جو فيض ظاهر ٿيو. عشق جي حقيقت سَري فقير غازي غمڪسار رضوان الله تعالي جن جي درس مان هن طرح ظاهر آهي ته "عشق ذات پاڪ ج جي نور ۽ پنجتن پاڪ صلوات الله عليه جي پنجن عناصرن مان هڪ خودمختيار طاقت واري صورت بڻيل آهي". ان عشق جو سمورو راز انسان جي دم يعني ساهه ۾ رکيل آهي. اهو اسرار سمورو انساني صورت سان آهي. محب، محبت ۽ محبوب جو راز صورت ۾ رکيل آهي ۽ ان عشق جي راه تصوف آهي، جنهن سان امانت نازل ٿيل جي منزل ماڻي سگهجي ٿي.

تصوف:- تصوف جو بنياد عشق حقيقي تي آهي. تصوف تزڪيه نفس آهي يعني نفس جي شر ۽ غير کان پاڪ صاف ڪري ٿو تصوف سيني جو روحاني علم

Scanned by CamScanner

آهي. تصوف سيني عبادتن جو روح آهي يعني جنهن عبادت ۾ عشق شامل آهي تہ کامیابي ئي کامیابي آهي. تصوف سنت نبوي جو اصول بہ آهي، چوتہ پاڻ حضور انور سردار کريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن هجرت بعد مسجد نبوي مدينہ منوره ۾ اصحابي صفہ ٺهرائي تصوف جو فيض عام کرايو هيو بدست حضور انور مولا مشکل کشا علي عليہ السلام جن جي سان. مولا علي سائين جن جي زماني ۾ مرشد ۽ طالب جو سلسلو شروع ٿيو. صوفين سڳورن جو سردار حضور انور مولا علي پاڪ سائين جن آهن، جن روحاني فيض عطا ڪري هميشہ لاءِ روان رکيو. تصوف کي هجرت کان اڳ علم احسان جي نالي سان سڏيو ويندو هيو. جيئن تہ تصوف ۾ چار اکر آهن ۽ تصوف جي اکري معني هن طرح ملي ٿي.

ت : توبہ انکساري عاجزي سان
رب پاڪ کي ريجهائڻ

ص : صفائي سيني جي ڪرڻ دم وارو ذکر
الاهي ڪمائي اندر ۾ روشنائي پيدا ڪرڻ

Scanned by CamScanner

و : واصل باالله ٿي ولايت جي خود مختياري يعني بادشاهت حاصل ڪرڻ

ف : فنا صورت ۾ ٿيڻ يعني فنا في المحبوب، فنا في الشيخ، فنا في الرسول ۽ فنا في الله ٿي هميشہ بقا حاصل ڪرڻ يا هميشہ حيات ٿيڻ.

ڪي اولياءَ شرعي فقير اول ۾ دين اسلام جون منزلون طئ ڪري بعد ۾ امانت الاهي عشق جي راهہ تصوف اختيار ڪندا آهن. ڪي وري اول ۾ ئي صورت جي واٽ اختيار ڪندا آهن، جوتہ عشق جو پنڌ صورت سان آهي ۽ عشق جو سلسلو يا طريقو تصوف آهي.

المجاز قنطرة الحقيقت: مجاز حقيقت جي ڏاڪڻ آهي. تنهنڪري محبوب جي يا مرشد جي صورت پچائيندا آهن تصور ۾ ۽ پنهنجو هر ساهہ ذڪر الاهي سان پريل ڪٽندا آهن. عشق جي تڙپ ۽ قلبي ذڪر الاهي سان اندر روشن ڪري عشق امانت جي منزل ڏانهن وڌندا آهن.

Scanned by CamScanner

ديني علم ۽ روحانيت تي مختصر نظرثاني:

خلافت راشده کان بعد جڏهن مسلمانن ۾ بنو اميه جي دور ۾ وڳوڙ پيدا ٿيا، ان بعد عباسي دؤر ۾ به وڳوڙ جاري رهيا ۽ حضور انور علي عليه السلام جي اولاد امام پاڪن کي تڪليفون ڏنيون ويون. ان دؤر دؤران ڪيترن ئي اوليائن گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ انهن وڳوڙن جو اثر اسلام تي به پيو ته تصوف تي به پيو ۽ بعد ۾ نئين سر دين اسلام جي درس جا مڪتب کوليا ويا، سني ۽ شيعا عالمن سڳورن مختلف علائقن ۾. سندن مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

1. **حضرت ابو حنيفه**: هي عالم سڳورو 80 هجري ۾ ڪوفي ۾ پيدا ٿيو سندس پورو نالو نعمان بن ثابت زوطي هيو ۽ ڪنيت ابو حنيفه هيس. جنهن 120 هجري ۾ دين جي خدمت ڪئي. سندس مزار بغداد شريف ۾ آهي.

2. **حضرت مالڪ بن انس رضي الله عنه**: هي عالم سڳورو 93 هجري ۾ جائو ۽ 179 هجري ۾ وفات ڪيائين. مديني منوره ۾ دين جي خدمت ڪيائين.

Scanned by CamScanner

سندس مزار جنت البقيع ۾ آهي.

3. **حضرت عبدالله بن ادريس شافعي:** هي عالم سڳورو 150 هجري ۾ پيدا ٿيو ۽ سن 104 هجري ۾ مصر ۾ وفات ڪيائين. ڪافي دين جي خدمت ڪيائين.

4. **حضرت احمد حنبلي بن محمد بن حنبل:** هي عالم سڳورو 146 هجري ۾ بغداد ۾ جائو ۽ اڪثر گهٽو مڪي شريف ۾ رهيو. ڪافي دين جي خدمت ڪيائين ۽ 241 هجري ۾ وفات ڪيائين. مٿين چئني عالمن سڳورن کي پنهنجي جماعت وارا امام سڏيندا آهن.

5. اهل تشيعه فقه وارن **حضرت امام جعفر صادق سائين** جي نسبت سان جعفريه درس گاهه کوليا ۽ کن بعد ۾ اصغريه نالي سان ديني درس گاهه کوليا.

ان بعد ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ سن 471 هجري ۾ حضور هادي سيد عبدالقادر جيلاني غوث الاعظم محبوب صمداني تولد ٿيا جيلان نالي هڪ ڳوٺ ۾ جيڪو ايران ملڪ جي بحيره خَزَرَ (ڪيپين سي) جي

Scanned by CamScanner

اترين ڪناري تي واقع آهي. ان وقت خليفومقتدي بامر الله عباسي دؤر جو هيو جيڪو ڪمزور ٿي چڪو هيو ۽ بغداد جي علائقن تائين محدود هيو.

اسلامي دنيا وڏي انتشار جو شڪار ٿيل هئي، مسلمانن ۾ قرآن شريف مخلوق آهي يا نه واري چڪتاڻ پئجي وئي هئي. هوڏانهن چنگيز خان تاتاري ۽ سندس ساٿارن مسلمانن کي ڪافي نقصان پئي رسايو. ڳوٺن جا ڳوٺ ڪيئي شهر تباهه ڪيائون. چنگيز خان حڪم ڏنو ته جيڪو به شرع جي مطابق جانور ذبح ڪري ان کي قتل ڪيو وڃي. اهڙي نازڪ دؤر ۾ دين ۽ شريعت جي نگهباني تمام دشوار هئي. هر ڪوئي عارف يا عالم گوشه نشين رهيو پئي.

ان وقت پنجين صدي هجري جي آخر ۾ نئين سر دين کي جيارڻ وارو "محي الدين" ۽ روحاني فيض عام ڪرڻ وارو محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه بغداد شريف ۾ درس حق جو مرڪز قادريه سلسلي سان قائم ڪيو. ان فيض روحاني جو اثر ايترو

ٿيو جو اولياء الله ولي بہ دست قدم ٿيا. سلطنت باطنيہ ختم ٿيڻ لڳي. تاتارن جا ساڻاري ۽ خود هلاکو خان جو پٽ تگودار بہ مسلمان ٿيو جنهن جو بعد ۾ نالو "احمد" رکيو ويو. ايشيا کنڊ سلطان نور الدين زنگي ۽ سلطان صلاح الدين ايوبي سندن دعائن جي اثر سان کامياب ٿيا ۽ مسلمانن جي سلطنت بہ مضبوط ٿي وئي.

اهڙي طرح مختلف علائقن ۾ روحاني چار سلسلا قائم ٿيا، جيڪي پوري انسانيت کي تصوف جو سيني وارو علم سمجهائن ٿا.

1. **مکتب قادريہ سلسلہ**: هن سلسلي جو باني حضور سيد عبدالقادر جيلاني رح آهي. سندن لقب محي الدين يعني دين کي جياريندڙ اٿن. پاڻ هي سلسلو بغداد شريف ۾ قائم کيائون. سندن ولادت 471 هجري ۽ معراج رحلت 562 هجري اٿن. پاڻ نسبتي سلسلي مطابق ڏاڏاڻي نسبت سخي سرکار امام حسن عليہ السلام ۽ ناناڻي نسبت سخي سرکار امام حسين عليہ السلام جن سان آهي.

Scanned by CamScanner

2. **سهروردي سلسلو**: هن سلسلي جو باني حضرت شيخ ابو نجيب سهروردي آهي. سندس جنم سن 490 هجري مطابق 1092ع ۾ بغداد ۾ ٿيو. پاڻ سيد عبدالقادر جيلاني رح جي صحبت مان گهڻو فيض پرايو هئائين. بعد ۾ سندس پائٽي شيخ شهاب الدين رح هن سلسلي سهروردي کي اوج تي پهچايو ۽ شيخ شهاب الدين به سيد غوث اعظم عبدالقادر جيلاني رح سان صحبت ۾ رهي فيض پرايائين. هي سلسلو سنڌ ۾ حضرت بهاؤالدين ذڪريا رح (ملتاني) هلايو.

3. **چشتي سلسلو**: هن سلسلي جو باني خواجه معين الدين چشتي رح آهي. پاڻ خراسان جي پرسان سجستان ۾ تولد ٿيا. روحاني درس جو بنياد اول ۾ چشت نالي شهر ۾ وڌائون تنهنڪري چشتي سڏجڻ لڳا. عراق جي "هرون" ڳوٺ ۾ حضرت عثمان هاروني جا دست بعيت ٿي ايائي سال رهي فيض پرايائون. مٿي هلي ابو اسحاق شامي سان به سلسلو ملي ٿو. ۽ پاڻ سير سفر ۾ نڪتا ۽ پاڻ بغداد ۾ سيد عبدالقادر جيلاني رح سان به صحبت ۾ رهيا. بعد ۾ همدان آيا.

Scanned by CamScanner

تبريز خرقان کان لاهور آيا، اتان دهلي ۾ آيا ۽ اجمير ۾ خانقاهه قائم ڪيائون ۽ 632 هـ ڌاران رحلت ڪيائون.

4. **نقشبندي سلسلو**: هن سلسلي جو باني حضرت خواجه بهاؤالدين نقشبندي هيو. بخارا ۾ 748 هجري ۾ تولد ٿيو ۽ رحلت 791 هجري ۾ ڪيائين ۽ هي سلسلو سندّ ۾ حضرت شيخ احمد سرهندي، مخدوم آدم ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي يا خواجه محمد زمان لنواري وارن بزرگن هلايو.

هي روحاني تصوف جا سلسلہ خاص طرح چار آهن، جن جو وڏو خاص سلسلو قادري يا قادري سروري نظر اچي ٿو. هي چارئي سلسلا مٿي هلي حضور انور علي ڪرم الله وجهه جن سان مسلڪ تصوف ۾ منسوب ٿين ٿا. هي چار روحاني سلسلا، بنو اميه ۽ بنو عباسي جي آخر ۾ شروع ٿيا. جڏهن مسلمان حڪومت تاتارن جي ظلم جي لپيٽ ۾ اچي ويون هيون.

تصوف هڪ ئي رستو روحاني يا عشق جي راهه

آهي. ليڪن خاص سلسلا چار آهن جيڪي روحانيت جي وات سمجهائن ٿا ۽ ڪي روحاني سلسلا پنهنجي مرشد جي نالي سان منسوب ڪري ۽ صوفي پنهنجن پنهنجن درگاهن ۾ روحاني راز سمجهائن ٿا. تصوف جيان، دين اسلام به هڪڙي شيءِ آهي ۽ مختلف جماعتن جي صورت ۾ اسلام جي راهه سمجهائي وڃي ٿي پئي.

صوفين جو مختصر ذڪر

صوفي: 1 صدي هجري: حضور انور سردار ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن مڪي کان هجرت ڪرڻ بعد جلد ئي مسجد نبوي ۾ هڪ چبوترو هم چورس چاليهه فوٽ ٺهرائي، حضور انور علي سائين ڪرم الله وجهه جن جي هٿ هيٺ طريقت يعني مرشد ۽ طالب ٽيڙ جو سلسلو ۽ سيني جي روحاني علم تصوف جو باقاعده آغاز ٿيو. تصوف کي اول ۾ علم احسان جي نالي سان سڏجي پيو بعد ۾ تصوف نالو رکيائون ۽ تصوف جي مسلڪ تي هلندڙ صوفي سڏجن ٿا. ان وقت ڪيترن ئي اصحابي سڳورن هي روحاني علم به حاصل ڪيو جن ۾

Scanned by CamScanner

ڪجهہ نالا هن طرح ملن ٿا. حضرت بلال مقداد، حضرت عمار بن ياسر، ابن مسعود، حضرت مهيب، حضرت خواجہ حسن بصرو، حضرت سلمان فارس ۽ ڪيترائي اصحابي سڳورا هن سيني جي علم جي راهہ اختيار ڪري مستفيض ٿيا.

2 صدي هجري: حضرت حبيب عجمي رح، هن سڳوري فرات ندي جي ڪناري تي هڪ خانقاهہ تيار ڪرايو هيو ۽ پاڻ خواجہ حسن بصرو رح جو طالب هيو.

حضرت سفيان ثوري رح 161 هہ ۾ روحاني درس ڏنو.

حضرت ابو اسحاق ابراهيم رح بن بلخي 162 هہ ۾ تصوف جو درس ڏنو.

حضرت معروف ڪرخي رح خراسان جو هيو. هن جو طالبي سلسلو حضرت امام موسيٰ رضا عليہ السلام سان آهي. جنهن تصوف جو روحاني درس ڏنو ۽ فرمايائين: ليس في الوجود احد الا الله. وجود ۾ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ وجود ڪونهي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي صوفي رهيا.

3 صدي هجري: حضرت سري سقطي رح

حضرت جنيد بغدادي رح پاڻ وڏو عالم به هيو تہ ڪامل به هيو. عراق جي شهر بغداد ۾ درس ڏيندو رهيو. رحلت 257 هـ ۾ ڪيائين.

حضرت ابو اسحاق نيشاپوري رح، صوفي علي بن سهل اصفهاني رح، حضرت طيفور عرف بايزيد بسطامي رح، فارس ايران جو هيو. (هن فقير فنا ۽ بقا جو عقيدو ظاهر ڪيو ۽ سبحاني ما اعظم شاني جو نعرو بلند ڪيو).

حضرت ذوالنون مصري رح، هي فقير نوبيا جو رهاڪو هيو. بعد ۾ اچي مصر ۾ رهيو ۽ هن تصوف جي پيغام کي نظم ۾ پيش ڪيو.

4 صدي هجري: حضرت ابو طالب مڪي رح ڪتاب "قوت القلوب جو مولف" حضرت ابو نصر سراج طوسي "اللمع" جو مصنف ۽ ايران ۾ درس ڏنائين.

حضرت حسين بن منصور "حلاج" ڏکڻ ايران ۾ "طور" نالي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. بعد ۾ بغداد ۾ رهيو. هن صوفي سڳوري "اناالحق" جي اثباتي جو نعرو هنيو ۽ شرعي فتويٰ موجب ڪيس سولي تي چاڙهيو ويو. ان وقت سندس

Scanned by CamScanner

عمر تقريبا 64 ورهيه هئي.

حضرت ابوبکر شبلي خراساني رح، هي منصور حلاج جو دوست هوندو هيو ۽ اندازن منصور کان بعد ڇويهه سالن جي عرصي ۾ رحلت ڪيائين.

5 ۽ 6 صدي هجري: حضرت شيخ ابو اسحاق شيرازي رح عالم دين به هيو ته مسلک تصوف تي به هيو.

حضرت شيخ ابو عبدالرحمان سلمي رح، حضرت خواجه نظام الملک طوسي، حضرت امام غزالي رح، هي اکثر هي لفظ فرمائيندو هيو ته مذهبي گمراهن کان بچڻ لاءِ واحد راهه نجات طريقو تصوف آهي.

حضرت داتا گنج بخش رح لاهور وارو مصنف "ڪشف المعجوب" سندس رحلت 465 هه.

حضرت غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلاني رح، حضرت خواجه معين الدين چشتي رح، حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رح، حضرت شيخ صنعان رح، حضرت شيخ فريد الدين عطار رح (عطر ڪپائيندو هيو).

Scanned by CamScanner

حضرت شيخ محي الدين محمد عرف ابن عربي رح، هن صوفي سڳوري هڪ نظريہ "وحدت الوجود: هڪ ئي وجود"، "همہ اوست: سڀ پاڻ" جو ظاهر ڪيو. هن سن 1240 تي دمشق تي رحلت ڪئي.

حضرت شيخ احمد بن عبدالاحد فاروقي (پنجاب) گهٽو بعد هن ابن عربي جي نظريہ جي برعڪس پنهنجو نظريو ڏنو "همہ ازاوست: سڀ ڪجهہ ان کان آهي"، وحدت الشهود: هڪ جي موجودگي" 1034 هـ.

حضرت ابن عربي صوفي جو نظريہ

وحدت الوجود : هڪ ئي وجود

همہ اوست : سڀ پاڻ

حضرت شيخ احمد بن عبدالاحد جو نظريہ

وحدت الشهود : هڪ جي موجودگي

همہ ازاوست : سڀ ڪجهہ ان کان

هن نظرين جي ڪشيدگي ڪي شاهہ ولي الله رح جهڪو ڪيو هيو ۽ صوفن ۾ خاص نظريہ وحدت الوجود

۽ همہ اوست قائم آهي.

اهڙي طرح واجب الوجود: پنهنجي ذات ۾ قائم هجڻ، عين اليقين، علم اليقين، حق اليقين جهڙا نظريہ ملن ٿا ۽ صوفي کي انهن سيني مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو.

هندستان ۽ پاکستان وغيره جي کجهم صوفين جا نالا

حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رح: سندن معراج وفات 1336ع ڌاران هندستان ۾ ٿي.

حضرت بو علي قلندر رح: سيد شرف الدين عرف محمد اشرف بن سالار فخرالدين کرماني (عراق) پاڻ معراج وفات کيائين 724 هـ پاڻي پٽ هندستان ۾.

حضرت بابا فريد الدين گنج شکر رح: هي فقير خواجہ قطب الدين بختيار کاکي چشتي جو طالب هيو. سن 664 هـ پاڪ پتن ۾ وفات معراج کيائين.

حضرت شاهہ شمس تبريزي رح: شاهہ شمس الدين ايران جي علائقي تبريز کان آيو. مولانا جلال الدين

Scanned by CamScanner

رومي صاحب سندس طالب ٿيو. تعذير اچڻ تي پنهنجي کل لاهي ڏني هئائين. ملتان ۾ سندس درگاهه آهي. سندس قادري سروري مسلک آهي. سندس معراج وفات 642 هه ڏاران آهي.

حضرت شيخ سعدي رح: شيخ مشرف الدين عرف مصلح الدين بن عبدالله شيرازي ايران جو هن جا ٻه کتاب گلستان ۽ بوستان فارسي ۾ لکيل مشهور آهن. پاڻ 1291ع ۾ وصال ڪري ويو ۽ سير سياحت گهٽن ملڪن ۾ ڪيائين.

حضرت غوث بهاؤالحق رح: غوث بهاؤالدين ذڪريا بن ڪمال الدين، سندس مسلک سهروردي آهي. اندازن 661 هه ۾ ملتان ۾ معراج وفات ڪيائين.

حضرت خواجه نظام الدين اولياء رح: هي فقير طالب هيو بابا فريد الدين گنج شڪر جو. 725 هه ڏاران دهلي ۾ وصال ڪيائين ۽ امير خسرو به سندس طالب هيو.

حضرت قلندر لعل شهباز رح: سيد محمد عثمان بن ابراهيم ڪبير الدين، هي فقير مسلک قادري سان

منسوب آهي. سن 637 هـ ڏاران سيوهڙ شريف ۾ وصال ڪيائين.

حافظ شيرازي رح: شمس الدين بن بهاؤالدين اصفهاني ايران، هي وڏو مشهور مدرس، مفتي اعظم ۽ حافظ به هيو. پاڻ ايران جو هيو. هڪ عورت سان هن جو مجاز ٿيو هيو. 791 هجري شيراز ۾ وفات ڪيائين.

حضرت بلا شاه رح:- عبدالله شاهه عرف بلا شاهه ولد سخي شاهه محمد شاهه قصوري، سندس وصال 1785ع ڏاران قصور ۾ ٿيو. پاڻ طالب هيو پير عنايت شاهه قادري آرائين جو.

حضرت سلطان باهو رح: باهو بن بازيد رح پاڻ مادرزاد ولي الله هيو. سندس مرشد خواجه عبدالرحمان جيلاني دهلوي آهي. پاڻ وصال ڪيائون سن 1102 هـ شور ڪوٽ ۾. سندن مسلڪ قادري سروري آهي. هن مسلڪ مان ڪيترائي واصل بالله فقيرن جا نالا ملن ٿا.

خواجه غلام فريد رح: غلام فريد بن خدا بخش فاروقي سندن درگاهه ڪوٽ مٺڻ ۾ رحلت 1319 هـ ۾.

Scanned by CamScanner

فقير محڪم الدين سيلاني: محڪم الدين لقب سيلاني. پاڻ بنا لغام گھوڙيءَ تي سير سياحت ڪندا هئا ۽ ڪيترن کي سنڌ ۾ به اڇي روحاني رمز بخش ڪيائون. مثلاً حضرت سچل سرمست کي ننڍپڻ ۾ سيني تي سارنگي گھمائي عشق جو ساز وڄايائون. خوش خير محمد فقير کي طالب ٿيڻ کان اڳ فيض عنايت ڪيائون ۽ ڪيترن کي ئي. سندس وصال 1197 هـ ۾ درگاهه ڪوٽ بخشيه (سما سٽا) ۾ ڪيائون.

فقير مخدوم حافظ محمد صديق سيهڙ قادري سروريؒ: مظر ڳڙهه تحصيل ليه درياءَ جي پار هڪ مائي نالي غلام فاطمه فقيرياڻي نالي رهندي هئي جنهن کي حضرت سلطان باهوؒ پنهنجي نياڻي ڪري سڏيوهيو. ان فقيرياڻي وري محمد صديق سيهڙ سائين کي پٽ ڪري سڏيو هيو ۽ پاڻ حضرت سلطان باهوؒ ڏانهن وڃي آيس، جتان روحاني فيض فقير مخدوم حافظ محمد صديق سائين کي مليو. بعد ۾ سير سياحت ڪندي سنڌ ۾ آيا. ڪجهه وقت مخدوم محمد اسماعيل وٽ پريالوءِ ۾ رهيا، ان بعد گيمڙي ۾ اڇي رهيا، تنهن کان بعد ڪڏواري ۾ اڇي

رهيا. ان بعد سندن طالب قوم جا ڏاريجا لڳ گهوٽڪي، ڳوٺ محمد پور ۾ وڃي آيا. جتي هميشه لاءِ سڪونت پذير ٿي طلب رکڻ وارن کي روحاني فيض ڏنائون. آخري آرامگاهه لعل پير لڳ اسٽاپ مهيسرو پنو عاقل پرسان سندن روضه پاڪ آهي.

فقير مير عبدالقادر ٺالپر قادري سروريؒ: هي فقير سائين جن بادشاهي گهراڻي جا فرد هئا. هڪ دفعي عرب ملڪ جو مهمان وڃن اچي رهيو. ان وٽ روحاني اسرار جي هڪ "سيفي" هئي، جيڪا مير سائين پڙهي ته سندن ديدار روحاني ٿيو ليڪن ان سان گڏ امر به ٿيو ته آئينده سيفي جي ذريعي نه پر مرشد ڪامل جي هٿ سان اچو. بعد ۾ عشق الاهي بيقراري ڏني، مرشد جي تلاش ۾ رهيا. اتي سندن هڪ فقيرياڻي مائي پري نالي ايندي هئي، جنهن جي معرفت سان فقير نور احمد سائين بن فقير مخدوم محمد صديق سيهڙؒ جن کان فيض مليو ۽ پاڻ به روحاني فيض ڏيندا رهيا. سندن مسلڪ قادري سروري، سندن وصال اندازن 1290 هـ ڏاران. جتي ميرن جا قبا ٺهيل آهن جبل جي پر ۾ قادر بخش جا قبا، لڳ

Scanned by CamScanner

ڪنڊڙا ڳوٺ جي.

فقير علي محمد جمالي قادري سروريؒ: سندن آخري رهائش گاهه لقمان شريف لڳ خيرپور ميرس ۾ اٿن. پاڻ مير علي نواز ٽالپر جي دؤر ۾ روحاني فيض ڏنائون ۽ درد وندن انسانن جي حاجت روائي ڪيائون. مست به هيا سالڪ به هيا تارڪ به هيا. سندن وصال اندازن 1934ع ۾ ٿيو. پاڻ مير عبدالقادر سائينؒ جن جا طالب هيا. سندن ساليانو عرس مبارڪ 7 شعبان تي هر سال لقمان شريف ۾ ٿيندو آهي.

فقير عبدالرحمان غمڪسار قادري سروريؒ: سندن درگاهه شريف ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقه ڪنگري رياست ۾ آهي. پاڻ فقير علي محمد جمالي سائينؒ جن جا طالب آهن. سندن ميلو عرس مبارڪ هر سال تاريخ 23، 24 ۽ 25 ماهه جماد الاول ۾ ٿيندو آهي. سندن وصال 27 ڊسمبر 1956ع بروز خميس تي.

فقير مخدوم نوح سرور صديقيؒ **طريقت سهروردي**: هي اولياء ارغونن جي دؤر ۾ ٿيو. سندن

Scanned by CamScanner

درگاهہ هالا ۾ آهي. سندس وصال 998 هـ ۾ ٿيو.

شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو قادريؒ: هي درويش ارغونن جي دؤر ۾ ٿيو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو پڙڏاڏو آهي. سندس وصال 1030 هـ ۾ ٿيو ۽ سندس درگاهہ لڳ ميران پور بلڙي ۾ هر سال سندس ميلو 15 ذوالقعد تي ٿيندو آهي.

لونگ فقير مهيسر لوڙهـي واروؒ: سندس درگاهہ ضلع خيرپور ميرس جبل جي پاسي آهي. پاڻ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو روحاني طرح مريد ٿيو ۽ رياضت ڪندي فيض حاصل ڪيائين. سندن وصال اندازن اسي سالن جي ڄمار ۾ 27 ذوالقعد 1279 هجري ۾ ٿيو.

فقير شاهہ عنايت صوفي قادريؒ: دهليءَ ۾ مغلن جي حڪومت هئي ۽ سنڌ ۾ يار محمد ڪلهوڙي جي، فقير جي رهائش ميران پور جهوڪ ۾ هئي. پاڻ "ڪيڙي سو ڪائي" جو دستور ڏنائون. روحاني فيض عام ڪيائون. سنڌ بلوچستان جي ڪافي درگاهن جي

مسلک نسبت صوفي صاحب سان ملي ٿي. سندن فقرائن سميت شهادت 17 صفر 1130هجري ۾ ٿي. سندن هر سال ميلو 17، 18 ۽ 19 صفر تي ٿيندو آهي.

فقير روحل بن شاهو زنگيجم قادري: هي فقير کلهوڙا دؤر ۾ وزير به ٿيو هيو. هنن جي خاندان ۾ کافي درويش ٿيا. مثلاً مراد فقير، شاهو بن روحل وغيره. هي کنڊڙي شريف جا بزرگ سڏبا هئا. نسبت جهوک ميران پور سان آهي. فقير روحل جو وصال 1804ع ۾ ٿيو.

فقير علي محمد ٽالپرؒ: هي پنهنجي والد جلال فقير ٽالپر جو طالب ٿيو. سندس ڳوٺ رهائش "ٽالپر وڏا" خيرپور رياست ۾ آهي پاڻ وصال 1400 هـ ۾ ڪيائون.

نواب ولي محمد فقير دوم لغاري قادريؒ: هي فقير نوابي ڇڏي ميران پور جهوک درگاهه جي نسبت ۾ طالب ٿيو. هن فقير جو مشهور طالب محمد فقير ڪٽياڻ ٿيو. اول ۾ سندس پاڳارن سان به نسبت هئي ۽ هن ڪٽياڻ صاحب جو طالب هالا جي مخدومن مان، مخدوم غلام محمد سروري طالب ٿيس. نواب ولي محمد جو وصال ٿيو 1332

Scanned by CamScanner

هـ ۾ (تاج پور) محمد فقير ڪٽياڻ جو وصال ٿيو 1359هـ ۾.

نصير فقير جلالاڻيؒ: هن فقير جا وڏا صوفي شاهه عنايت جي درگاهه جا مريد هيا. ان کان علاوه مرشد عبدالستار اول، دعا ڪيس. داتا فيض درياءَ آنبا شريف جي به دعا ٿيس. فقير 127 ورهين جي ڄمار ۾ سن 27 جماد الثاني 1370 هجري ۾ وصال ڪيو.

صوفي رڪيل شاهه فقير قادريؒ: سندن رهائش ءِ درگاهه فتح پور بلوچستان ۾ آهي. پاڻ طالب خواجه عبدالستار اول قادري ميران پور جهوڪ جا ٿيا. ڪيترائي طالب روحاني فيض سان نوازيائون. طالبن ۾ فقير عبدالعزيز عرف چيزل شاهؒ، پهلوان فقيرؒ، فيضل فقيرؒ ءِ مولوي قادر بخش گولوؒ وغيره. پاڻ وصال ڪيائون سن 1359هـ ۾.

فقير سچل سري مستؒ: فقير جو ڪثرت وارو نالو عبدالوهاب بن صلاح الدين آهي. وحدت جو نالو سچل آهي، خانداني نسبت سان فاروقي آهن. پاڻ

پنهنجي چاچي خواجه عبدالحق جا طالب آهن. پاڻ وڏو روحاني فيض ڏنائون ۽ درس حق شاعري ۽ نثري ڪتاب لکي پوري انسان ذات کي ڏنائون. سندن وصال اندازن 14 رمضان 1242 هـ ۾ ٿيو. ڪيترائي فيض وارا طالب ٿيا. مثلاً سخي قبول محمدؒ، نانڪ يوسفؒ، جنهن 1853ع ۾ وصال ڪيو. محمد صلاح فقير، گهرام فقير وغيره ۽ ڪيترائي فيضياب ٿيا.

خواجه محمد زمان اول نقشبنديؒ لواري شريف بدين : هي فقير ڪلهوڙا دؤر ۾ هيو. سندس شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سندن صحبتي هيو. سندن وصال 1188 هجري ۾ ٿيو. مخدوم عبدالرحيم گروهڑيؒ، سندن طالبي ۾ هيو. سندن وصال ٿيو 1192 هجري ۾.

حمل فقير نقشبنديؒ: حمل فقير لغاري عقيدتمند هيو خواجه محمد زمان اول لواري جن جو ۽ صحبتي رهيو نواب ولي محمد فقير تاجپوري جو. سندس وصال ٿيو 1294 هجري ۾.

Scanned by CamScanner

فقير مصري شاهہ نصرپوري: هي فقير طالب هيو شاهہ محمود شبستانِ قادري جو. هن فقير جو وصال 1904ع ۾ ٿيو.

پاڳارا پير مسند وارا

پير محمد راشد شاهہ رح، سندن وصال ٿيو 1233 هجري ۾

پير صبغت الله شاهہ رح، سندن وصال ٿيو 1246 هجري ۾

پير علي گوهر شاهہ اول رح، سندن وصال ٿيو 1263 هجري ۾

پير حزب الله شاهہ رح، سندن وصال ٿيو 1308 هجري ۾ (بدل فقير انڙ طالب هيو)

پير علي گوهر شاهہ دوم رح، سندن وصال ٿيو 1314 هجري ۾

پير شاهہ مردان شاهہ رح، سندن وصال ٿيو 1340 هجري ۾

پير صبغت الله شاهہ دوم رح (سورهيہ) سندن وصال ٿيو 1362 هجري ۾

پير پاڳارن جي نسبت جيلاني ساداتن سان ملي ٿي.

Scanned by CamScanner

سندن اول رهائش "هادل شاهه" ۾ هئي هينئر پير ڳوٺ (رياست خيرپور) ۾ آهي. سڀ فقير نه آهن. باقي گادي وارن جو سلسلو آهي.

بيدل فقير انڙ نقشبنديرح: شڪارپور ويجهو سندس درگاهه آهي ۽ فقير جو وصال 1358 هجري ۾ ٿيو.

فقير بيدل قريشيرح: فقير جو اسم عبدالقادر هيو. بعد ۾ پاڻ کي قادر بخش چورايائون (سيد عبدالقادر جيلاني جن جي اسم شريف جي ڪري) سندن وصال روهڙي شريف ۾ 1289 هجري ۾ ٿيو. سندن نينگر بيڪس فقير (محمد حسن) جو وصال 1298 هجري ۾ ٿيو.

فقير عبدالحي نقشبنديرح: هن فقير سائين اندازن 1200 هجري ڌاران اظهار فقيري ڪيو (نوشهرو). سندن طالبن ۾ مشهور آهن.

شاهه نصيرالدين اول: سندس وصال ٿيو 1900ع ۾.

عثمان فقير سانگي لاڙڪاڻ: سندن وصال ٿيو 1863ع ۾.

Scanned by CamScanner

دريا خان نيشان عباسي

لعلورائنڪ: سندن وصال 1309 هـ ۾ نيشان جو 1884ع ۾.

خوش خير محمد هيسباڻي: هي فقير اول ۾ تڳر علائقو ڪچي ۾ هيو ۾ وصال بعد درياءَ جي اڀل ۾ سندن جسد مبارڪ باهر نڪري آيو ۾ هينئر ڪروندي ۾ روضہ اٿس. سندس وصال 1294 هـ ۾ ٿيو. مير علي مراد ٽالپر مٿس موهت هوندو هيو.

فقير فيض درياء نقشبندي[ح]: سندن اصل نالو سيد فيض محمد شاهہ آهي. هي فقير عبد الحي جي طالب ۾ نينگر شاهہ نصيراول جو طالب هيو. سندس وصال ٿيو 1325 هجري ۾. سندن طالبن ۾ مشهور رهيا. ميرل فقير جاگيراڻي ۾ داتا شاهہ ولايت علي. سند وصال ٿيو 1402 هجري ۾.

فقير ميان غلام رسول "علاب فقير" قادري سروري غمڪساري[ح]: هي فقير سائين لونگ فقير[ح] لوڙهي واري جو چوٿون نمبر گادي نشين ٿي

گذريو آهي ۽ طالب سَري فقير غمڪسار مهيسر قادري سروري جن جو ٿيو. سندس مزار مبارڪ لونگ فقير ح جي قبي ۾ آهي ۽ وصال ڪيائون 19 فيبروري 1984ع ۾. پاڻ ڪيترن ئي طالبن کي روحاني فيض ڏنائون. فقير موڙ شاهه، فقير سيد غلام عباس شاهه، فقير غلام محمد راجپوت، فقير گامڙ سونهاڻي خيرپور جو فقير لعل بخش ۽ ڪيترائي.

فقير گامڙ ڪوسم قادري سروري غمڪساري ح: هن فقير سائين جن جو ميروخان لڳ درگاهه شريف آهي. سندن وصال ٿيو 18 مارچ 1986ع ۾. 6 رجب مهيني تي هر سال عرس مبارڪ ٿيندو آهي. پاڻ ڪيترن ئي طالبن کي روحاني فيض ڏنائون. فقير احمد علي سومرو (اوباوڙو وصال 2001ع)، فقير علي مظفر ابڙو، فقير گاجي خان مگسي ۽ ڪيترن کي ئي.

فقير هدايت علي تارڪ نجفي تنيم ح: عبدالحي فقير نوشهرو درگاهه جو پانڊيئڙو هيو. فيض درياهه بادشاهه جي درگاهه تي گهٽو رهيو ۽ فقير جو بياض گڏ

ڪيائين. پاڻ لعلورائنڪ ۾ وصال ڪيائين 1939ع ۾.

چتل فقير سانگيرح: هن فقير سائين ميروخان، محبوب جي بنگلي لڳ آستان ڪيو. پاڻ ميان عبدالرسول شاهه (دودائي) جو طالب ٿيو ۽ 1892ع ۾ وصال ڪيائين.

فقير وريل ابڙو قادري سروريرح: هي فقير طالب هيو فقير الهڏنو قادري سروري (جهل مگسي) جو. پاڻ وصال ڪيائون 1918 ۾. سندن درگاهه لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ آهي. سندس طالبن ۾ مشهور علي نواز فقير ابڙو ۽ سيد قلندر شاهه جيلاني (نبي شاهه وگڙ) ۽ ڪيترن ڪي ئي روحاني فيض ڏنائون.

فقير غمدل دايو قادري سروريرح: سندس نالو عبدالخالق عرف غمدل هيو. اصل پني عاقل جو هيو. بعد ۾ رتوديرو ۾ رهائش ڪيائين ۽ طالب ٿيو قلندر شاهه جيلاني قادري سروري (نبي شاهه وگڙ جو)

فقير انور علي شاهه بخاري قادري سروريرح: هي فقير طالب هيو صاحب ڏنو شاهه قادري

سروري جو فقير جي مسلڪ حضور سلطان باهوؒ سان آهي. فقير سائين ڪيترائي طالب ڪري ڪين روحاني فيض ڏنو. پاڻ وصال ڪيائون 1973ع ڌاران. سندن 25 محرم تي عرس شريف ٿيندو آهي جهان پور ضلع گهوٽڪي.

محمد فقير گهونوؒ: هي فقير گهوٽڪي لڳ حسين ٻيلي جو آهي. پاڻ وصال ڪيائين اندازن 1960ع ڌاران.

فقير مهدي شاهؒ: هن فقير جا وڏا اڇ شريف کان آيا. فقير شاهپور جهانيان موروثي وصال ڪيو 1949ع ۾.

فقير گرو نانڪ: هن درويش 1924ع ڌاري وصال ڪيو.

درگاهون: در حقيقت الله وارن فقيرن جي آستانن کي درگاهون يعني اهو هنڌ جنهن منجهه عشق جو درس ڏنو وڃي يا رب شناسي جي راهه سيکاري وڃي، ان کي درگاهه سڏجي ٿو.

Scanned by CamScanner

مئخانہ: مئہ معنيٰ نشوءِ خانو معنيٰ جاءِ، هنڌ يا آستانو وغيره. تڏهن مئخاني مان مراد آهي محبت واري نشي وارو آستانو جتي صوفي "الستي عشق" جي مئہ حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي مرشد جي رهبري ۽ واصل بالله ٿيڻ خاطر مستيءَ ۾ مست رهندا آهن. ظاهر جي نشي کانسواءِ عشق جي نشي ۾ رهندا آهن مگر ذاتي شوق ۽ ڪوبہ ماڻهو ظاهري نشو ڪري تہ ڪري سگهي ٿو مگر صوفي وٽ عشق جو نشو هوندو آهي.

درگاهہ يا مئخانہ اصل ۾ مسلڪ تصوف، جيڪي الستي حقيقي عشق جي طريقت آهي. ان روحانيت جو درس ڪڏهن قادري، ڪڏهن نقشبندي، ڪڏهن چشتي تہ ڪڏهن سهروردي جي روپ راز رنگ ۾ حقيقي روشني سان پوري انسانيت کي راهہ ڏيکارينڌڙ خاص اهڙيون جايون آهن، جتي اونچ نيچ جو فرق نہ آهي. غريب کي بہ اها روحاني راهہ سيکاري وڃي ٿي، تہ امير يا بادشاهہ کي بہ ساڳي روحاني راهہ طلب حاصل ڪرڻ وارن لاءِ سدائين روان هوندي آهي. مگر ان درگاهہ يا مئخاني تي مرشد ڪامل هوندو تہ اصل حقيقي عشق

جو پيالو پياريندو. اگر ڪامل نه هوندو ته عشق جي روحاني راهه سان گامزن نٿو ڪري سگهي.

درگاهون ۽ مئخانه

درگاهون الستي عشق جي راهه تصوف جي درس جو بنياد آهن. جتي فقير ڪامل ولي هوندو. اتي نه مذهبي وڇوڙ هوندو نه جهيڙو نه فساد نه دنيا جي لالچ هوندي، مگر اتي انسانيت هوندي، انسانذات لاءِ امن، محبت ۽ همدردي جو درس هوندو. هن فاني جهان جي درست ڪرڻ جي فڪر ڪان، وحدتي جهان ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو وڪر عام هوندو. اتي گداگر به ايندا آهن ته شاهوڪار به ايندا آهن. وزير به ايندا آهن ته بادشاهه به ايندا آهن. مسلمان به ايندا آهن ته رب پاڪ جي طلب رکڻ وارا غير مسلمان به ايندا آهن. اصل درگاهن يا اصل مئخانن ۾ پيروي پنجتن پاڪ سائين جن جي هلندي آهي. اتي وحدت جو درس، هيڪڙائي جو رنگ، هر انسان لاءِ رهائش، پاڻي، ننگر جو انتظام ۽ طلب مولا پاڪ جي رکندڙن لاءِ روحاني فيض جاري هوندو آهي. الله وارن جو

درس وحدتي ساڳيو ملندڙ هوندو آهي. بس لفظ جي مٽا سٽا هوندي آهي مگر مطلب مراد ساڳي نظر اچي ٿي.

اگر هن زماني ۾ يا هن سنڌ ڌرتي تي الله وارن جون درگاهون، مئخانہ نہ هجن ها، تہ تصوف جو درسي وجود دشوار هجي ها.

اڪثر درگاهن يا مئخانن ۾ انهن جا جيڪي باني هوندا آهن، اتي انهن جا روضہ يا حديره موجود هوندا آهن. ان ۾ جيڪي ڪامل مڪمل اڪمل اولياء فقير هوندا آهن، انهن کي "ملہ المولي فلہ الڪل: معني: جنهن محنت ڪري مولا پاڪ جو وصال حاصل ڪيو ان جو سڀ ڪجهہ ٿي ويو. اهڙو منصب حاصل هوندو آهي تنهنڪري روحاني درس کان علاوه انسانذات لاءِ حاجت روائي جو قرب بہ جاري رکندا آهن تڏهن تہ طالبن کان سواءِ عام ماڻهو بہ ان الله واري اولياءَ فقير ۾ اميد رکي اچي درگاهہ تي حاضري ڀري التجا ڪندا آهن ۽ دعائون گهرندا آهن.

اگر الله پاڪ جل جلالہ جي پيارن اولياٸن فقير

Scanned by CamScanner

صوفن جون درگاهون يا مئخانہ نہ هجن ها تہ تصوف جو درس بہ نہ ملي ها، نہ دين اسلام جي مڪمل ڄاڻ ملي ها، نہ حضرت عشق جي روحاني ڄاڻ ملي ها. انسان بجاءِ انسانيت جي، حيوانيت ۾ هليو وڃي ها. مڪتب، مدرسن يا اسڪولن ۾ ڄاڻن جي لکيل ڪتابن موجب درس ڏنو وڃي ٿو جتان دين، شريعت، شان اولياء، شان پنجتن پاڪ ۽ زندگي سڻي طرح گذاري جو علم ملي ٿو مگر درگاهن يا مئخانن فقيرن جي ۾ اهڙو روحاني درس سيني جو ڏنو وڃي ٿو جنهن ذريعي روحاني مشاهدو ماڻي اندر جي اونداهي ڪڍي هرهڪ ساڳي حقيقت ڏسي پسي اچي ٿو ۽ انهن جي درس وحدت ۾ فرق نٿو رهي ۽ ظاهري علم جي عشق اڳيان منزل هيٺ رهي ٿي.

درگاهن تي تصوف جي سيني واري علم جو اهڙو روحاني درس ڏنو ويندو آهي، جو تنهائي ۾ بہ عبادت الاهي ڪري سگهي ٿي، تہ ماڻهن جي ميڙ يا ڪچهري ۾ بہ ڪري سگهي ٿو تہ ڪنهن ڪم ڪار ۾ هجي، سفر ۾ هجي، گهر ۾ هجي، جهنگ جهر ۾، پڙهيل هجي يا نہ، جڏ ڪڏ هي روحاني سفر ڪري سگهندو آهي، ڇوتہ هيءَ

عبادت ذڪر الاهي اڪثر ڪري انسان جي خيال جي صفائي، تصور پيري مغان يا محبوب ۽ دم ڪٽڻ سان شامل آهي. جنهن ۾ اڌ رات بعد جاڳڻ بہ لازمي هوندو آهي. اهڙي ڪاميابي جو درس، درگاهن يا مردن جي مئخانن تان ئي ملي سگهندو آهي. مگر جتي ڪامل اولياءُ موجود نہ آهي اتي روحاني درس، تاثير وارو ملڻ اٽانگو هوندو آهي، تنهنڪري فقير ڪامل جي خدمت ۾ رهجي.

Scanned by CamScanner

ڪافيون، دوهيڑا

نوٽ: حضور هادي علي محمد فقير سائين قادري سروري رحمة الله عليہ جن جو نظم ۾ لکيل بياض مختصر ۽ ٿورو مليو آهي، لهاڏا جيڪو مليو آهي، ان ۾ بہ سمنڊ جي موج جيان حضرت عشق جون لهرون نظر اچي رهيون آهن، من خدايم جي موج ۽ مستي جي رمز سمايل آهي. حق جي راهہ تلاشيندڙن لاءِ روشن ڏينهن جيان چٽي راهہ ملي ٿي. فقير جي هدايت سراپا حق ۽ سچ آهي. جيڪو ڪافي ۽ ڪلام جي صورت ۾ مختصر بياض ملي ٿو سو هن ڪتاب "نوبت نينهن جي" ۾ درج ڪجي ٿو.

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(حضرت عشق جو غلبو)

عشق ڪئي آ اتي هَلان هَلان
جتي دم هٽڻ جي جاءِ ئي ناهي

1. سڏون سيئي ٿيون توايون
برهه جي بادل بوندان لايون
سڪ رهي هڪ مِلان مِلان

2. سِڪَ سچڻ جي جنهن کي ساهيو
وري ورڻ تنهن مور نه چاهيو
توڙي لهرايئون ڪَلان ڪَلان

Scanned by CamScanner

3. ظاهر ڪنهن کي ڪين ٻڌايان
صُمڙُ بُڪڙُ روح ريجهايان
اندر پئي ٿي چلان چلان

4. عبدالقادر سبق پڙهايو
لُون لُونءَ ۾ جنهن شور مچايو
چُري ويون سپ ڳلان ڳلان

5. چاڙ جمالي جنهن مان ڇاتو
رُخُ رانجهن جو صاف سڃاتو
چال اهائي چلان چلان

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(تعريف حسن جي)

سهڻي دا سينگار سدا من ياوين

1. ماه پيشاني خوب جواني
زلف عنبر خمدار

2. پڳوي ڪپڙي رنگ گلابي
موسم چيٽ بهار

3. مينگهه ملهار ڪيتي هي جهُڙ بادل
بجلي دا چمڪار

4. ظاهر باطن هوئي هميشه
دلبر دا ديدار

5. وچ بازار دي تِي زليخان
يوسف دا خريدار

6. اصل جمالي ڪيتي جلالي
ڏکين ڏکٹهار

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(لقاءَ ۽ وصال الاهي)

ناهي وِڻي هڪ وارُ سَرتيون
اسان پريئَ جي وچ ۾

1. اولو يولو عبد تي آهي
بيشڪ ڇڏ تون عبد کي ڏاهي
ڪونهي ٻيو تڪرار سرتيون

2. جاڏي تاڏي پاتم جهاتي
اندر باهر ذاتي صفاتي
لاهي لوڪ ميار سرتيون

3. فاذڪروني مان اذڪر ٿيڙو
عشق رانجهن جو الستي پيڙو

لٹا غم غبار سرتيون

4. انحد ۾ وڃي رمز آڻي آ
شمس قمر سان جوت جڙي آ
ڇڏي عقل اختيار سرتيون

5. ونحن اقرب وارو اشارو
هر هنڌ ۾ اهو يار پياروَ
نڪري پيو نروار سرتيون

6. جامُ جماليءَ پيتو باقي
محب پنهنجي سان ٿي اوطاقي
ڪري خوب خمار سرتيون

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(رمز الاهي ۽ وصال فقير جي جو حال)

سڀ ڪري سامان آيو
مالڪ مُلڪ جو آيو

1. گونا گون پوشاڪان پائي
ذاتي صفاتي رنگ رلائي
صورت جو سلطان آيو

2. نوبت نينهن جي سر تي لائي
هير پچائي چاڪ سڏائي
تخت هزاري جو خان آيو

3. جنهن ڄاتو تنهن سڃاتو
پنهنجو پاڻ سان لائي ناتو

Scanned by CamScanner

لاهي غير گمان آيو

4. جوڳن جهاتيون جيءَ ۾ پاتيون
اتي پُڏائون لاحد لاتيون
ڏري دل تي ڏيان آيو

5. جيڪي جمالي قول ڪيا ها
ناد الستي سان بول ٻڌا ها
ڪري ڪُل آسان آيو

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(وحدت الوجود جي راز جي حقيقت)

آهي آهي هر جاءِ آهي
كير چوي ائين ناهي ناهي

1. عام اشارو ليسك مثلي
خلق الآدم صورت اصلي
كڙ خوشيءَ سان چاهي چاهي

2. فاذكروني لطف اشارو
اذكركم آهي نينهن جو نعرو
قربئون بيٺو ساهي ساهي

Scanned by CamScanner

3. عين اهو ئي غين بہ سوئي
مام مِٽي جي ڇاٽي جوئي
خام خلل سڀ ڏاهي ڏاهي

4. رمز ايها رند پروڙن
ساڳي سوئي پاڻ کي جوڙن
جسم پنهنجي کي لاهي لاهي

5. ذاتي خيال سان خيال اڏاري
موذي ملحد لا سان ماري
ڏس جمالي ڪاهي ڪاهي

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(همم اوست، هر مظهر يم الاهي رمز آهي)

كرش هماڙا نام صاڻو
سمجهه پرجهه اها مام صاڻو

1. بندرا بن ۾ بينڪ هوئي
جوتش پستڪ علم سيوئي
ڪيتم سپ تمام صاڻو

2. گنگا جمنا جيتيم سارا
اول آخر ڪل پساڙا
دين ڪفر اسلام صاڻو

3. عرش اعلي تي رکيم اوتارا
مڙهي مندر چوڙ دُوارا

Scanned by CamScanner

ڪفر ڪيتم قتلام صاڌو

4. بيحد بار اتاهين آيم
بار محبت سِرَ تي چايم
بدل بدل ڪر نام صاڌو

5. اصل ڪنون ڦِر اولا ڪيتم
جام محبت پُرِ ڳرِ پيتم
ٿي جمالي عام صاڌو

Scanned by CamScanner

٧٨٦

كافي

(فيض الاهي جو منسب)

جنهان هو دا برقا هو نال چايا
تنهان اپني اندر رام ريجهايا

1. نيايم جوڙ جنهان آڳ جلائي
اهي ويندي هر هر وڪڙي وڏائي
انهان لوڪ ملامت سر تي چائي
تنها هر جاءِ رانجهن پايا

2. ڪڙڪي بجلي بره شورُ مچايا
سونها سير دا عشق ڪرايا
اٽان بادل مينهن وسايا
حسن حقيقي رنگ لايا

3. سٽي هدايت هادي والي
رکي جمالي دل تي ساري
هودي نال جنهان هو لايا
تنهان هو دا برقا چايا

Scanned by CamScanner

(اٺپورو بياض هن طرح مليو آهي)

٧٨٦

كافي

(كيفيت فقيري)

چال نرالي مست موالي
عجب تنين اسرارَ

1. اوئين ڪر جيوين سرمد ڪيتا
عشق الستي تنوڙئون نيتا
آهي صوفي سردار

2. موج منصوري جنهن سِر آوي
اناالحق دا سچا راڳ سڻاوي
سوليءَ تي ٿي هسوار

3. موج منصور تي ڪيتي چڙهائي
ڪشتي دين ڪفر دي لوڙهائي
ٿي ڪڙا نروار

Scanned by CamScanner

٧٨٦

اصل اهوئي آهيان، پير نہ پنتي پائيان
ورد وظائف سپ وسريا، اصل اهوئي آهيان

٧٨٦

بره ڪيو آ بيران، حُسن حقيقي نوبت لائي
وس ڪان باهر بي وس آهيان
جيئن ڪيئن نينهن نيايان
هردم ويٺي فالان پايان
من ڪري ڪو اچڻ سندو احسان

٧٨٦

عدم کان قدم پري، اچي آدم ۾ اظهار ٿيو
ڪاٿي سڏائي شَمسَ تَبرِيزائي
جنهن اِتي پنهنجي کَلَ لَهائي
ڪاٿي سوليءَ تي هسوار ٿيو
عدم کان قدم پري، اچي اظهار ٿيو

Scanned by CamScanner

٧٨٦

جَنين هدايت هادي ڪيَرِي
ظاهر باطن رهبر ٿِيَرِي
چال اِهائِي چَلان چلان
عشق ڪئي آ اُتي هلان هلان

٧٨٦

جڏهن اندر ۾ ليئڙو پاتم
پاڻ پنهنجي پاڻ سڃاتم
در نه ٻئي ڪنهن رُلان رُلان
عشق ڪئي آ اتي هَلان هَلان

Scanned by CamScanner

فاذکرونی مان اذکر ٹیڑو

عشق رانجھن جو الستي پیڑو

لٹا غم غبار سر تیون

ناهي وِڻي هڪ وارُ سر تیون

اسان پرین ءَ جي وچ ۾



Scanned by CamScanner